Sindhi Translation

Of

# WAR & PEACE

# جنگ ۽ امن

ٽالسٽاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جنگ ۽ امن

(ناول)

ٽالسٽاءِ

قيمت: ڏهه روپيه

رابيل پبليڪشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رابيل پبليڪشن جو ڪتاب نمبر ٢٥


| | |
|---|---|
| سال :- | ١٩٨٥ |
| دفعو :- | پهريون |
| ترجمو ڪندڙ :- | بهاري لال |
| ڇپائيندڙ :- | رابيل پبليڪشن لاڙڪاڻو |
| ڇپيندڙ :- | سردار پريس حيدر آباد |
| تعداد اشاعت :- | هڪ هزار |
| ٽائيٽل ڪور :- | الائيڊ پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو. |



(ترجمي جا سڀ حق واسطا قائم)


قيمت :- ١٠-٠٠


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

"جنگ ۽ امن" روس جي دنيا-مشهور ليکڪ ليو ٽالسٽاءِ جو سڀ ۾ سٺو ناول ڪري مڃيو ويندو آهي. هن ناول ۾، نيپولين جي روس تي چڙهائيءَ واري لڙائيءَ جي تواريخي پس منظر تي، روس جي ٽن امير ڪٽنبن جي زندگيءَ کي ورتي، روسين جو آن جنگ طرف رد-عمل نهايت ئي حقيقي ۽ ڪماليت جي انداز ۾ ڏيکاريو ويو آهي. جنگ جا دل-ڌڏڪائيندڙ نظارا خواه صلح جا دلفريب منظر هڪجهڙي خوبيءَ سان بيان ڪيا ويا آهن. اهوئي سبب آهي جو قريب هڪ سؤ سال گذرڻ تي به، دنيا جي تمام ٻولين جي ساهت ۾ هن ناول کي اهم درجو مليل آهي.

هي ناول اصل ١٠٠٠ کن صفحا آهي، جنهن جا مڪمل خواه ننڍا ٿيل، ڪيترا ئي ڇاپا شايع ٿيل آهن. موجوده ترجمو، انهن ننڍي ٿيل ناولن مان، ننڍي ۾ ننڍي تان ڪنيو ويو آهي؛ انڪري هن ترجمي کي ناول جي مختصر ڪهاڻي سمجهڻ ئي صحيح ٿيندو. جيتوڻيڪ مختصر ڪهاڻي لکڻ جو ڪم، بيحد آزمودگار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ قابل ليکڪن ڪيو آهي، تڏهن به لازمي آهي ته ۱۰۰۰ صفحن جي ناول کي ۱۰۰ صفحن ۾ آڻڻ سان ڪوبه شخص اُن سان پورو انصاف نه ڪري سگهندو انڪري اگر پڙهندڙن کي ناول پڙهندي ڪو واقعو غير حقيقي يا ڪو دليل صحيح منطق تي نه ٻڌل يا ڪو ڪردار چٽو نظر نه اچي ته اها گهٽتائي ناول يا ليکڪ جي نه، بلڪ مختصر ٿيڻ سبب ئي سمجهڻ گهرجي ناول کي صحيح انداز ۾ سمجهڻ لاءِ اُن کي مڪمل روپ ۾ پڙهڻ ضروري آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هن مهل تائين ٽالسٽاءِ جون ڪافي اخلاقي ڪهاڻيون شايع ٿيل آهن، جنگ ۽ صلح جي مختصر ڇاپي جو هي ترجمو اُن اُميد تي شايع ڪيو وڃي ٿو ته پڙهندڙ ان مختصر ڪهاڻيءَ کان متاثر ٿي وڏو ڇاپو پڙهڻ لاءِ خواهان ٿيندا ۽ ڇپيندڙ مڪمل ڇاپي جو نه، ته ڪي قدر ننڍي ٿُل ڇاپي جو ترجمو شايع ڪرڻ همت ٻڌندا.

ڪائونٽ ليو نڪولائيوچ ٽالسٽاءِ جو جنم ۱۸۲۸ سال ۾ روس جي ياسنا ياپولانايا شهر ۾ ٿيو هو. اهو شهر ماسڪو کان ۱۲۰ ميل پري آهي ۽ اتي ٽالسٽاءِ جي وڏن جي شاهي جاگير هئي، جتي رهندي هن جي زندگيءَ جو وڏو حصو گذريو.

ٽالسٽاءِ پنهنجي پوري حياتي اميرائي ڍانچي ۾ گذاري، جيتوڻيڪ ننڍپڻ کان ئي عام اميرن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن لوڪن - اميرن ۽ عقلمندن - جي زندگيءَ کي نه صرف اڻ وڻندڙ پر بي مطلب به ٻڌايو. مون اهڙي جماعت جي زندگيءَ کان پاڻ کي ڇني ڌار ڪيو، ڇو ته مون محسوس ڪيو ته اها زندگي اصلي نه پر نقلي هئي.. مون محسوس ڪيو ته زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ مون کي چند لوڪن — پاڻ جهڙن رت چوسيندڙ انسانن — جي نه، بلڪ عام رواجي محنتي انسانن جي زندگي سمجهڻي پوندي، انهن انسانن جي زندگي، جي زندگي ٺاهين ٿا."

١٨٨٠ کان وٺي زندگيءَ جي آخرين گهڙيءَ تائين ٽالسٽاءِ هڪ پٺيان ٻي ڪهاڻيون، ليک ۽ ناول لکي، زار شاهي زندگيءَ جي نقصن کي بيرحميءَ سان ننگو ڪندو ويو. نه فقط سرڪاري عملدارن ۽ اميرن پر مذهب جي نام نهاد ٺيڪيدارن تي به خوب لکيو. انهن ڳالهين ڪرڻ سان نه صرف هنجون ڪيتريون لکڻيون ضبط ڪيون ويئون، پر پوليس هن تي نظر رکڻ لڳي، ڪيس قيد ڪيو ويو —. ان ٻوڙين قدم ڪارڻ سڄي روس ۾ اعتراض جا مظاهرا ٿيا. باوجود انهن سختين جي، ٽالسٽاءِ آن وقت تائين مڪمل آزاديءَ سان لکندو رهيو، تانجو هن ١٩٠٩ ۾ هن دنيا کي الوداع ڪئي.

١٨٨٠ ۽ ١٨٩٠ جي وچ وارن سالن ۾ ٽالسٽاءِ وٽ دنيا جي جدا جدا حصن مان ڪيترا ماڻهو ملڻ لاءِ اچڻ لڳا. ان مهل تائين دنيا سندس قلم جي لوهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# WAR & PEACE

# جنگ ۽ امن

## ۱

## شروعات

يورپ — ۱۸۰۵ع.

نيپولين بونا پارٽ جي اڳواڻيءَ هيٺ فرانسي فوجون يورپ جا جدا جدا ملڪ فتح ڪنديون، ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڌمڪاءُ ڦهلائينديون، رشيا جي سرحد واري ملڪ آسٽريا طرف وڌي رهيون هيون. پنهنجي ملڪ طرف خطرو وڌندو ڏسي، رشيا، هن مهل تائين ورتل بيطرفداريءَ جو رخ ڇڏي، فرانس خلاف، انگلنڊ ۽ آسٽريا سان لڙائيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ فوجي تياريون شروع ڪري ڇڏيون.

جولاءِ ۱۸۰۵ جي هڪ گرم شام جو، جڏهن پيٽرسبرگ جي شاهي رستن تي روسي فوجن جي هلچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنڊلي پر گهري رنجش پيدا ڪري رهيون هيون. هو ڏسي ها ته سماج هن لاءِ قيد ثابت ٿي هئي. بجاءِ ان جي، صرف زال ۾ ئي نقص ڳولهڻ لڳو. هوءَ ڪيس ڪيچلي، ڪڙيل ٻار وانگر معلوم ٿيڻ لڳي، جنهن ۾ نه عقل هو ۽ نه دوربينائي. هنکي سڌارڻ جي به ڪا راه نظر نه ٿي آيس؛ جنهنڪري محسوس ڪرڻ لڳو ته اگر هنکي ڇڏي ڪيڏانهن هليو نه ويو ته شايد چريو ٿي پوي!

اوچتو انڊريءَ جو چهرو روشن مشڪ سان چمڪي آئيو. هنجي آن وقت ئي هال جي وچ ۾ بيٺل، عينڪ پيل ۽ ننڍين وارن واري هڪ گول مول نوجوان تي نظر پيئي هئي، جنهنکي ناسي رنگ جو ڍلو سوٽ ڪوٽ ۽ ريشمي قميص پهريل هئا. هو سڄو وقت وائڙن وانگر ڪلهي رهيو هو ۽ هيڙي محفل ۾ هجي هلت چلت قريب ڳنوارن جهڙي ٿي هئي. هو رشيا جي هڪ وڏي امير ڪائونٽ بيزهوف جو ناجائز پٽ پيئري هو. هنجي پيءُ جو نالو سڄي رشيا ۾ مشهور هو ۽ هن وقت هو ماسڪو ۾ تمام نازڪ حالت ۾ بيمار پيو هو.

نوجوان پيئري بيزهوف جو اهڙي محفل ۾ هي پهريون ئي دفعو هو. ڏهن سالن جي ننڍيءَ عمر ۾ ئي هنکي تعليم وٺڻ لاءِ رشيا کان ٻاهر موڪليو ويو هو، جتان هو ٽورا مهينا اڳ واپس وريو هو. محفل ۾ گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيل معزز مهمانن ڊيپل آوازن ۾ رشيا جي انگلنڊ ۽
آسٽريا سان شامل ٿيڻ واري جنهن خبر ٿي هڪ ٻئي
سان رائزني ڪري رهيا هئا، انجي اهميت ڪان هو
بلڪل ئي بي خبر هو.

پيئري، پرنس واسلي ۽ هنجي حسين ڌيءُ ايلن سان
ڪلي ڳالهيون ڪري رهيو هو، جڏهن هنجي مشڪندڙ
اڻبريءَ تي وڃي نظر پيئي. پرنس واسلي، هنجي ڌيءُ
۽ پيئري، پاڻهن ۾ پاڻهر ملائي اڻنا ۽ اڻبريءَ جي
پرسان اچي بيٺا.

”اڙي! تون ته پيئري آهين!“ اڻبريءَ طنزيه نوع
۾ چيو، ”۽ سو به ههڙي محفل ۾!“

پرنس واسليءَ اڻناپاولوونا ڏانهن پنهنجو نوڙهو،
چمڪندڙ مٺو قدري نوايو ۽ پوءِ چيائين، ”توهين
ئي هن شرميلي ننڍڙي رڇ کي ڪجهه سيکاريو. ڪيترن
ڏينهن کان مون وٽ رهيل آهي پر فقط اڄ ئي هڪي
ههڙي محفل ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مڃائي سگهيو آهيان.
توهان جهڙي هوشيار عورت جي صحبت بنا هو ڪجهه
به پرائي نه سگهندو.“

جڏهن پرنس واسلي ۽ هنجي ڌيءُ اڳتي وڌي ويا،
پيئريءَ اکيون ڦاڙي، ذري گهٽ ڊنل نگاهن سان ايلن
جي پٺيان نهاريو. ايلن اهڙي ته دل لڀائيندڙ خوب
صورتيءَ جي مالڪ هئي، جو هنکي ڏسڻ سان هر
شخص متاثر ٿي ويندو هو، هنجا برف جهڙا اڇا ڪلها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هيرا، هال جي تيز روشنين ۾ چمڪي ڪيدي رهيا هئا، جئن هوءَ ماڻهن جي پرسان لنگهندي ٿي ويئي ۽ هنن حسرتي نگاهن سان هن ڏانهن نهاريندي، هٿي ڪيس وچڻ لاءِ رستو ٿي ڏنو.

”ڪمال جي حسينه آهي!“ پرنس اٺنڊريءَ چيو.

”بالڪل ڪمال جي!“ پيئريءَ پڻ ڪي ۾ چيو. ڪجهه وقت خاموش رهي، هن چيو، ”هيءَ محفل پوري ٿيڻ بعد، اڄ رات جي مانيءَ لاءِ مان تو وٽ ايندس. اچان نه؟“

”نه، اڄ ته ممڪن نه آهي،“ اٺنڊريءَ مسخريءَ ۾ هنکي چيو ۽ چيل لفظن جي بلڪل اَبتڙ، سک وچان هنجو هٿ دٻايائين.

پرنس واسلي، ڏيءَ کي پنهن ماڻهن جي وچ ۾ ڇڏي، شاهي هال جي ٻئي پاسي وڃي رهيو هو ته پنهنجي پانهن تي ڪنهنجي هٿ جو هلڪو زور محسوس ڪيائين. منهن ورائڻ تي هنجون نظرون هڪ ٻڍي عورت جي عرضمند نگاهن سان وڃي مليون، جنهن جي بي پرداخت چهري تي نيڪي جهلڪي رهي هئي. هوءَ پرنسيز اٺنا- دروبيتسڪي هئي، جنهنجي ڪٽنب جو ڪنهن زماني ۾ بول بالا هو، پر هاڻ هوءَ مسڪين هئي ۽ بادشاه جي آفيسرن مان ڪنهن وٽ به ايتري پهچندي نه هئس جو سندس پٽ بورس کي فوج ۾ ترقي ملي سگهي.

”مهربان پرنس!“ هن چوڻ شروع ڪيو .... هنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏي انتظار ۾ ويٺو هو. لائيس وچي ننڊ سمهي هئي. ماني کائي، ٻئي دوست اينڊريءَ جي اپٻاس واري ڪمري ۾ ويهي سگريٽ ڇڪڻ لڳا.

پيئريءَ اوچتو چيو، ”نيپولين خلاف هيءَ لڙائي اگر آزاديءَ لاءِ لڙائي هجي ها ته مان سمجهي سگهان ها ۽ آن حالت ۾ سڀ کان اڳ مان ڏي فوج ۾ وڃي ڀرتي ٿيان ها. پر محض انگلنڊ ۽ آسٽريا کي مدد ڪرڻ لاءِ دنيا جي عظيم شخصيت جي مقابل ٿيڻ درست نه آهي.“

پرنس اينڊريءَ پنهنجا ڪلها مٿي ڪيا. ”هرڪو شخص اگر پنهنجي اصولن خاطر ڏي لڙي ته پوءِ جيڪر هي لڙايون ٿين ڏي نه،“ هن چيو.

”تڏهن تون لڙائيءَ ۾ ڇو وڃي رهيو آهين؟“

”ڇو؟ مان ـ مان ائين ته ٻڌائي نه ٿو سگهان. انڪري جو مونکي وڃڻو آهي ۽ تنهنڪان سواءِ مان لڙائيءَ ۾ انڪري وڃان ٿو جو ـ“ هو هٻڪيو ـ ”ان ڪري وڃان ٿو جو مان هتي جي زندگيءَ مان بلڪل تنگ اچي چڪو آهيان.“

هو اڳتي نئڙيو ۽ ڌيمي آواز ۾ چيائين، اگر منهنجي صلاح مڃين ته ڪڏهن، ڪڏهن به شادي نه ڪجانءِ يار! گهٽ ۾ گهٽ ان وقت تائين ته نه ڪجانءِ جيسين، زندگيءَ ۾ جو ڪجهه توکي ڪرڻو آهي، اهو نه ڪيو اٿئي؛ جيسين تنهنجو ان عورت لاءِ پيار ختم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ٿي چڪو آهي، جنھنکي تون جيون ـ ساٿي بڻائڻ لاءِ پسند ڪيو آهي. اگر ائين نہ ڪيئہ تہ اهڙي غلطي ڪري وهندين جنھن کي ڪوئي سڌاري نہ سگھندو ۽ تنھنجون تمام خوبيون معمولي معاملن ۾ ئي برباد ٿي وينديون . ."

اهڙيءَ طرح هو رات جي هڪ بجہ تائين ڳالھيون ڪندا رهيا. پيٽري جڏهن پنھنجي دوست جي گھر مان نڪتو، اُن وقت هڪ وڄي چڪو هو. انڊريءَ سان ڳالھين ڪرڻ جي دؤران ۾ هن ساڻس انجام ڪيو هو تہ هاڻ هو عيش ـ عشرت جي زندگيءَ کي هميشہ لاءِ خيرباد ڪندو. صرف ڪجھہ نہ ڪجھہ ڪرڻ جي خيال کان ئي هو پيٽرسبرگ ۾ راتين پٺيان راتيون برباد ڪندو هـو . هن جي ان رات ـ ٽوليءَ جو سردار، پرنس واسليءَ جو بدنام پٽ انٽتول هو، جو روسي فوج ۾ آفيسر هو ۽ فوجي بئرڪن ۾ ئي رهندو هو .

"عورت ۽ شراب لاءِ انسان جي ڪشش مان سمجھي سگھان ٿو،" انڊريءَ هنکي چيو هو، "پر انٽتول جي عورتن ۽ شراب ڪان نہ بس پلي آهي!"

پيٽري پاڙي جي گاڏيءَ تي سوار ٿيو ۽ فوجي ٻئرڪن ڏانھن هلڻ جو حڪم ڏنائين. سنسان سڙڪن ي چانڊوڪي رات ۾ هن طرح گاڏيءَ جـو سفر ڪرڻ ۾ بہ لطف هو . . . اوچتو هنکي ٿورو وقت اڳ ڻل انجام ياد آيو .

”اڙي ها، ها،“ هن پنهنجي جذبات کي ماٺو ڪيو، ”صرف هڪ رات وڌيڪ ۽ پوءِ بس!“

فوجي ٻرڪن وٺ پهچندي ئي هو ٽپ ڏيئي گاڏيءَ مان لٿو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو مٿي چڙهي ويو. پهريون ڪمرو بلڪل خالي پيو هو. خالي بوتلون، گلاس، بوٽ وغيره هيڏانهن هوڏانهن ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. مٿان زوردار ٽهڪن ۽ وڏن واڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا.

پيٽري مٿينءَ ماڙ تي تيز روشنين واري هڪ ڪمري ۾ ويو. اٺ ماڻهو ڪليل دريءَ جي پرسان گڏ ٿيا بيٺا هئا. ٽي پيا، نشي ۾ ٻڏل، هڪ ننڍي رڇ کي ٻڌل زنجير کان ڇڪي رهيا هئا.

”ڊلهوف! هيءَ وٺ بوتل!“ انٽول للڪار ڪري چيو. هو قداور، نهايت ئي ڏاهوڪو نوجوان هو. هنجي فوجي ويس واري قميص جا چاتيءَ وارا ٻٽڻ ڪليا پيا هئا. هو ٻين کي هٽائي، دريءَ ڏانهن وڌيو. پيٽري هن جي پٺيان هو.

ٽماڙ واري هن ڪمري جي دريءَ جي ٻاهرين طرف لاهيءَ واري ٻنې تي هڪ نوجوان فوجي آفيسر ويٺو هو. هنجا وار گهنڊيدار ۽ اکيون نيلي رنگ جون هيون.

”ڊلهوف اڄ دريءَ جي چوڪاٺ کي ڇهڻ بنائي دريءَ جي ٻني تي ويهي سڄي شراب جي بوتل پيئندو،“ انٽول پيٽريءَ کي سڄي ڳالهه سمجهائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آن نوجوان آفيسر شراب جي بوتل ورتي ۽ دريءَ جي ڀنيءَ تي آڏي بيٺو. پوءِ بوتل کولي چپن سان لڳائي ڪنڌ پٺتي ڪري آها پيئڻ لڳو ۽ پنهنجو وزن سنڀالڻ جي جوکائتي ڪوشش ۾ ٻيو هٿ هوا ۾ مٿي جهلي بيٺو.

”مري ويندو!“ ڪنهن رڙ ڪئي، ”هيءَ ته نسوري چريائي آهي.“

پيئريءَ پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون. جڏهن وري کوليائين، تڏهن ڏٺائين ڊلهوف جو مٿو ايترو پٺتي مڙي ويو هو جو هنجا وار قميص جي ڪالر کي لڳي رهيا هئا ۽ سندس هوا وارو هٿ تمام ڇڪجي، بيحد ڪوشش ۾ ڏڪي رهيو هو. بوتل ذري گهٽ خالي ٿي چڪي هئي. اوچتو ڊلهوف جو سڄو جسم ڏڪي ويو، جنهنڪري هو دريءَ کان ٻاهر کسڪڻ لڳو. پنهي هٿن سان دريءَ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ڪامياب نه ٿيو.... پيئريءَ وري اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ محسوس ڪيائين ته هاڻ ڪڏهن به اهي کولي نه سگهندو. پوءِ خوشيءَ جا واڪا ٻڌندي ئي اکيون کولي ڏٺائين ته ڊلهوف، سفيد ۽ ڪلندڙ چهري سان، ڪمري ۾ اندر طرف ٽپ ڏيئي رهيو هو.

پيئريءَ ميز تي مڪ هڻي چيو، ”مان به ائين ڪنديس. مون کي شراب جي بوتل ڏيو!“

اڻٽول هن ڏانهن گهيرتا سان نهاريو. ”ها، ها، ضرور،“ هن چيو. ”تون به آزمائجانءِ، پر سياڻي –

ڇاڪاڻ تہ هاڻ اسين سڀ * ووڊڪا جي دُور لاءِ هلي رهيا آهيون. تون بہ هليو آءُ."

"ٺيڪ آهي. هلو." پيئريءَ واڪو ڪري چيو. "۽ اسين هن ننڍڙي يار کي بہ اڄ پاڻ سان گڏ وٺي هلنداسين." ايترو چئي هن ننڍڙي رڇ سان ياڪر پائي ڪمري ۾ گول گول نچڻ شروع ڪيو.

*　*　*　*　*

انّا پاولوونا واري مٿي ذڪر ڪيل محفل کان ٿورا ڏي ڏينهن پوءِ ٻڍي پرنسيز انّا ڊربيٽسڪيءَ ماسڪو ۾ پنهنجي شاهوڪارن مائٽن (پيءُ-ماءُ واري طرف) سان رسٽوف ڪٽنب ۾ وڃي رهي. هنجو سڪيلڊو پٽ بورس بہ هن ڪٽنب ۾ پلجي وڏو ٿيو هو ۽ تازو فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ تائين هنن سان گڏ ٿي رهندو هو. پرنس واسليءَ جي مهربانيءَ سان ٿي هن کي فوج ۾ ترقي ملي هئي؛ هاڻ سب-ليفٽيننٽ هو ۽ ترت روسٽوف ڪٽنب ۽ پنهنجي پياري ماءُ کان موڪلائي آسٽريا ۾ جنگ جي ميدان طرف وڃڻو هو.

رسٽوف ڪٽنب جي گهر ڌياڻي، ڪائونٽيس روسٽوف ٤٥ ورهين جي اُچڪندڙ عورت هئي ۽ سندس ڪمزور صحت سبب هوريان ڳالهائڻ جو نمونو هميشہ هنجي هلت چلت کي شاهانو رنگ ڏيندو هو. ٻئي

* ووڊڪا - روسي شراب جو هڪ قسم آهي.

طرف، گھر جو مالڪ ـ ڪائونٽ روستوف مظبوط ۽ گوڙ شور مچائيندڙ ماڻھو ھو، جو مھمانن کي خوش ڪرڻ لاءِ بيحد ماندو رھندو ھو.

اُن ڏينھن صبح جو ٻڍي پرنسيز انّا ۽ ڪائونٽيس روستوف جي وچ ۾، ماسڪو ۾ سخت بيمار پيل ڪائونٽ بيزھوف بابت ڳالھيون ٻولھيون ٿي رھيون ھيون. صرف ھنن ۾ ئي نه، پر ماسڪو جي ھر گھر ۾ ان خبر جي چرچا ٿي رھي ھئي، ڇاڪاڻ ته ڪنھن زماني ۾ ڪائونٽ بيزھوف جي سونھن ۽ بيھڪ گھڻين عورتن کي موھي ڇڏيو ھو.

”ٻڍي ڪائونٽ جي حالت ته مونکي ته روئڻ اچي رھيو آھي،“ پرنسيز انّا اکين جا ڳوڙھا اُگھندي چيو. ”ھيڏانھن ھي موت جي بستري تي سمھي آخري گھڙيون ڳڻي رھيو آھي ته ھوڏانھن پيئريءَ جا اھڙا ڪرتوت آھن جي ڪنھن ڏينھن جان ئي جوکي ۾ اچي ويندس. ھن نئين زماني جي تعليم جو اجھو اھو حال آھي.“

”ڇو، پيئريءَ اھڙو ڇا ڪيو آھي؟“ ڪائونٽيس روستوف ڊپ وچان پڇيو.

پيئري، واسليءَ جو پٽ اَنتول ۽ ماريا ڊلھوف ـ ھوءَ پاڻ کھڙي نه نيڪ عورت آھي ـ ھن جو پٽ، ٽيئي پڪا بدمعاش آھن! ڪجھه ڏينھن اڳ، ھڪ رات جو ھو ٽيئي ھڪ نانڍرو رڇ نه معلوم ڪٿان پڪڙي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳائي سگهجي ٿو نہ هو مشڪل بچي سگهندو. باقي انجو انت ڪيئن مشڪل آهي تہ هن ڪانپوءِ هنجي سڄي ملڪيت ڪنهن کي ملندي- پيٽريءَ کي يا پرنس واسليءَ کي. ۽ اها ملڪيت بہ ڪا گهٽ نہ آهي- چاليھہ هزار غلام ۽ لکين * روبل!"

ٺيڪ اِن وقت دروازي جي ٻاهران ڪجهہ وڙهڻ جهڙو معلوم ٿيو، جنهن ڪانپوءِ اوچتو دروازو کليو ۽ ڪلنڊڙ، لال چهري، ٽيرهن سالن جي هڪ نينگر اندر ڊوڙي آئي. هن هڪ گڏيءَ کي پنهنجين سنهڙين ٻانهن جي زور سان، ڇاتيءَ سان قابو جڪڙي رکيو هو هن جي پٺيان، يڪدم دروازي وٽ، هڪ وڏن وارن وارو ڏگهو نوجوان، فوجي ويس ۾ نظر آيو.

"بورس ڇوي ٿو تہ هو ميميءَ کي ٻانڻ سان گڏ جنگ تي وٺي ويندو،" اَن نينگر زور سان چيو ۽ پوءِ گڏيءَ کي ٻانهن ۾ لڪائيندي، هوءَ ننڍي ڪل ۾ اچي پهتي.

"پر مان جو ننڍي هوندي کان ٺي هنکي سڃائندو آهيان؟" اَن نوجوان گڏيءَ طرف نهاريندي چيو. "۽ اڄا بہ هنکي پوريءَ دل سان پيار ڪندو آهيان، ڇاهي هنجو نڪ ڀڄي بہ پيو آهي ۽ مٿي ۾ ڏار بہ پئجي ويئي اٿس."

---

* روبل- روسي سڪو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيلو هو. هن جي خاموشي، گهٽ رلڻ ملڻ ۽ پيلي
هلت چلت کي ڏسي، ڏسندڙ کي پاڻيءَ جي پونگرڙي
جي ياد اچي ويندي هئي. جيتوڻيڪ هن فقط ڪنهن
ڪنهن وقت نڪولائيءَ طرف ڏي نهاريو، تڏهن به،
رواجي طرح ڏسڻ سان ڏي معلوم ٿي ٿيو ته هنجو پورو
وجود نڪولائيءَ طرف مائل ٿيل هو.

ڪائونٽ روستوف پرنسيزادئما سان ڳالهائي رهيو هو.
”هيڏانهن تنهنجي پٽ کي فوج ۾ ترقي ملي آهي ته
نڪولائي به هنجي دوستيءَ کان محروم نه رهڻ خاطر
ڪاليج ۽ پڙهائي پوءِ کي ڇڏي جنگ ۾ وڃڻ لاءِ تيار
ٿيو آهي- ۽ مون هن لاءِ وڏي سرڪاري عهدي جو
بندوبست به ڪيو هو. دوستي ان کي چئبو آهي!“

ان واقع کان ٿورا هفتا پوءِ، نتاشا جو ١٤ جنم
ڏينهن ملهائڻ لاءِ روستوف ڪٽنب وڏي مجلس ڪئي،
جتي مهمانن- زالن ۽ مردن گڏجي، دستوري نموني
ناچ به ڪيو. شغلن جي وچ ۾ اوچتو سونيا نه معلوم
ڪيڏانهن گم ٿي ويئي. نتاشا خوب ڳولها ڪندي به
هنکي ڪٿي به ڏسي نه سگهي. آخر سامان- سڙي واري
ڪمري ۾ وڃڻ جو خيال ڪيائين. اُتي وڃي هن ڏٺو
ته سونيا پنهنجي قيمتي گلابي فراڪ سان ميري، جهوني،
ڪنهن واري هڪ گديلي تي پيئي، سڏڪا ڀري روئي
رهي هئي.

”ڇو، سونيا ڇا ٿيو؟ تون ائين روئي ڇو رهي

آهين؟.. آف!" نتاشا جو وات عجب وچان ڦاٽي ويو ۽ پوءِ سؤٽ کي ڳراٽڙي پائي، ٻارن وانگر روئڻ لڳي. هن جي اندر پيٺل گلن ٽي بي اختيار ڳوڙها وهي آيا.

"نڪولائي هفتي اندر ٿي لڙائيءَ جي خطرناڪ ميدان طرف وڃي رهيو آهي.... هنجو.... فرمان... اچي ويو آهي،" سڏڪا ڀريندي، چوندي چوندي هن جو بدن ڏهن ڪان چوٽيءَ تائين ڏڪي رهيو هو.

"تنهنکان سواءِ،" هن وڌيڪ چيو، "هو منهنجو سوٽ آهي، انڪري اسانجي شادي نه ٿي سگهندي. پڻي به اهڙي اجازت ڪڏهن نه ڏيندي. هوءَ چوندي- مان هن جو آئيندو خراب ڪري رهي آهيان. هنجي مرضي نڪولائيءَ جي ڪائونٽيس جوليءَ مان شادي ڪرائڻ جي آهي.

نتاشا هنکي ڪاڏيءَ کان مٿي ڪري، ڳوڙهن وچ ۾ مشڪندي چيو، "سونيا پيڻ، اهڙي چريائيءَ جي ڳالهه، مان اڄ ڏي ٿي ٻڌان. توکي ڇا وسري ويو ته آن ڏينهن رات جو باغ واري ڪمري ۾ اسان نڪولائيءَ سان هميشه لاءِ ان ڳالهه جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو؟ رهي سوٽ جي ڳالهه- اسانجو چاچو شن پنهنجي سوٽ سان شادي نه ڪيل آهي؟ هوءَ ته هنجي چاچي جي ڌيءَ هئي پر تون ته اسان جي ماءُ جي سوٽ جي ڌيءُ آهين. ۽ نڪولائيءَ کي ته توکانسواءِ ڪجهه به

مٿو نہ لڳندو آهي. مون ۾ چنبڙ چنبڙ ڪندڙ جولي تہ ڏني بہ نہ ونندي اٿس."

"سچ؟ سچ ٿي چوين؟" سونيا پنهنجي فراڪ ۽ وارن کي ٺيڪ ڪندي هن کان پڇيو.

نتاشا قسم کڻي لاءِ گپيرتا سان پنهنجون ٻہ آڱريون گڏي، گلي طرف وڌايون ۽ ٻئي خوب کلڻ لڳيون.

"هاڻ هل تہ هلون،" نتاشا هنجا پيشانيءَ تي ڪريل ڪچھہ وار مٿي ڪندي چيو، "مان بورس سان نچڻ جو واعدو ڪري آئي آهيان."

هيڏانهن ماسڪو جي هڪ ڪنڊ ۾، روستوف ڪٽنب جي گهر واري وڏي هال ۾ جنهن وقت مهمان هيڏانهن هوڏانهن ناچ ڪري رهيا هئا، ٺيڪ اُن وقت هوڏانهن ماسڪو جي ٻي ڪنڊ ۾ پنهنجي شاهي مڪان ۾ ڪائونٽ بيزهوف بيماريءَ جي ڇهين موتمار حملي ۾ بيحال ٿيو پيو هو.

ڊاڪٽرن مريض جي بچڻ جو صفا جواب ڏنو هو. مذهبي دستور موجب باقي سڀ رسمون ڪري، هاڻ آخرين رهيل رسم جي تياري ٿي رهي هئي. محل جهڙي وڏي شاهي مڪان تي ڊيڄاريندڙ خاموشي ڇانيل هئي. ڪائونٽ جو پنهنجي زال مان پٽ ۽ حقي وارث واسلي ۽ ڪائونٽ جون ٽي ڌيئر سمورو وقت هنجي پاسن کان ويٺا هئا.

پرنس واسليءَ پنهنجي گهوڙي گاڏي موڪلي پيئريءَ

آڻي ۽ ڳل اوچتو ڳوڙهن سان آلا ۽ تڏا ٿي ويس.

ٻڍو ڪائونٽ ڪنجهيو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين. ٻيٽري چپ چاپ ويٺو هن ڏانهن ٻڪ ٽڪ نهاري رهيو هو. ڪائونٽ هاڻ بلڪ سانت پيو هو. ڏسندي ڏسندي سڄي گهر ۾ روح مچي ويو. ٻن ڏينهن بعد ... جڏهن وصيعت پڙهي ويئي تڏهن ٻيٽريءَ کي معلوم ٿيو ته ڪائونٽ جي جاين، جاگيرن، غلامن ۽ ٻي سڄي ملڪيت جو هوئي اڪيلو وارث ٺهرايو ويو هو!

---

# ڀاڱو پهريون

پرنس آنڊريءَ جو پيءُ، پڙهو پرنس نڪولائي بولڪونسڪي، جو ڪنهن زماني ۾ فوج جو ڪمانڊر-ان-چيف هو، جي- حضور واري زندگي مان بيزار ٿي، هاڻ پبلڪ هلس ۾ پنهنجي جاگير تي وڃي رهيو هو. هتي هو پنهنجي ڌيءُ ماشا ۽ هڪ فرانسي ساٿي سان گڏ رهندو هو. هتي هن جي زندگي فوجي ڊسپلن تي رٿائتي نموني هلندي هئي. هر ڳالهه لاءِ وقت مقرر ٿيل هو، جنهن ۾ منٽ جو به فرق نه پوندو هو. روزي ڪاڄ ڪانسواءِ، باقي سڄو وقت پڙهو پرنس ڪنهن ڪم ۾ مشغول رهندو هو.

جنهن ڏينهن پرنس آنڊري پنهنجي زال کي پيءُ وٽ ڇڏي وڃڻ لاءِ آيو هو، ان ڏينهن پرنسيز ماشا هر روز جيان پيءُ وٽ سبق وٺڻ اچڻ لاءِ سندس وڏي ڪمري واري دروازي تي جڏهن ڪڙڪو ڪيو، ته ڏٺن

هن رڙ ڪئي ۽ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ ڪرڻ لڳو. "حسابن جهڙي شاندار وشيءِ سان تنهنجي دل نہ ٿي لڳي! صبر، صرف صبر ٿي گهرجي. تون نئين زماني جي رواجي بي عقل ڇوڪرين کان تہ بهتر ٿيڻ چاهين ٿي يا نہ؟"

اوچتو هو ڏيءَ وٽ واپس وڃي آيو ۽ هنجي وارن تي هٿ رکي ڪيس پيار سان گهوري ڏسڻ لڳو. "اٿين نہ هلندو، اٿين نہ هلندو،" هن نرم لهجي ۾ چيو. "اچ تون وڃ. ۽ هاــ اگر تنهنجو پاءُ ۽ هنجي زال اچن تہ مانيءَ جي وقت کان اڳ مون کي ڪم ۾ اصل نہ منجهائج."

پرنسيز ماشا گهرجي وچ واري ڪمري ۾ ويٺي پنهن جي روزاني مذهبي سبق سان مغز ماري رهي هئي، جڏهن سندس پاءُ اڏيبري پنهنجي زال لائيس سميت اچي پهتو. ڪمري ۾ پهرين لائيس ٿي آئي. ماشا يڪدم ڪرسيءَ تان خوشيءَ وچان رڙ ڪري، ٽپ ڏيئي آئي ۽ لائيس کي وچي پاڪر پاتائين. لائيس بدن ۾ ڪجهہ پرجي ويٺي هئي ۽ سندس دلبر مرڪ هميشہ موافق ڳالهائڻ وقت چپن تي نمودار ٿئي ٿي. ٻنهي هڪ ٻئي کي خوب پاڪر پاتا.

مانيءَ کانپوءِ پڊو پرنس پٽ کي اپياس واري ڪمري ۾ وٺي ويو. "منهنجا پهلوان پٽ!" هن چيو. "نڏهن تون بونا پارٽ سان وڙهڻ لاءِ منيپرڍو آهين،

ڪٿي؟ پر ياد رکجانءِ - توکي هنڪي جيتڻوڻي آهي ۽ نه ته اسين سڀ روسي هن جا غلام ٿي وينداسين. هاڻ مون کي ٻڌاءِ ته اسان جي فوج فرانسيسين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪهڙي رٿا ٺاهي آهي؟"

اڪبري ٻيءُ کي ذري پرزي سڄي ڳالهه سمجهائي ته نيپولين جي واٽنا فتح ڪرڻ کان اڳ ڪٿي روسي فوجون، آسٽريا جي فوجن سان گڏجي، فرانسي فوجن کان وڌيڪ تعداد ۾ ٿي هنن تي حملو ڪنديون.

آخر... موڪلائڻ جو وقت به اچي پهتو.

"بابا!" پرنس اينڊريءِ وچ وچ ۾ رڪجندي چيو، "مان پنهنجي زال کي... توهان وٽ ڇڏڻ لاءِ.. وٺي آيو آهيان. هنکي... ٿورن ڏينهن ۾ ٻار - هن حالت ۾ هنکي توهان وٽ ڇڏيندي شرم اچي رهيو آهي پر.."

"اهي بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڇڏ. چئه، توکي ڇا کپندو آهي؟"

"جڏهن منهنجي زال جا ڏينهن پورجي اچن.. ماسڪو مان ڪنهن ڊاڪٽر کي گهرائي.... هتي رهائجو."

پوڙهو پرنس هن ڏانهن گهوري نهارڻ لڳو.

"مونکي خبر آهي ته لک مان هڪ ڪيس خراب ٿيندو آهي،" پرنس اينڊريءِ پريل آواز ۾ چيو. "پر هن نه معلوم ڪهڙيون ڳالهيون ٻڌيون آهن، سپنو به ڏٺو اٿائين؛ انڪري هوءِ بلڪل ڊڄي ويئي آهي."

"هون.. هون.." پوڙهي پرنس پڙ پڙ ڪندي چيو،

"ٺيڪ آهي. اٿين ڏي ٿيندو. چڱو، هاڻ موڪلائي."
هن چمڻ لاءِ پنهنجو هٿ پٽ طرف وڌايو ۽ هنکي ڀاڪر پاتائين. "ياد رکج اگر تون مارجي وئين ته هن عمر ۾ مون لاءِ اهو وڏو صدمو ٿيندو...." هن جو آواز ذري گهٽ رڻهارڪو ٿي ويو. "ساڳئي وقت اگر مونکي معلوم ٿيو ته تون نڪولائي بولڪونسڪيءَ جي پٽ جيان هلت نه هليو آهين.."

پرنس انڊريءَ مشڪيو. "توهان کي اهڙي ڳالهه چوڻ ٿي نه گهرجي، بابا!" هن سڪ وچان چيو.

ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون بيٺا هئا. پيءُ پرنس واڪو ڪري چيو، "اسان هڪ ٻئي کان موڪلايو آهي. وڃ اڳتي!" ۽ اپياس واري ڪمري جو دروازو زور سان کوليائين. "اڳتي وڃ!" هن گجگوڙ ڪئي ۽ هنجي وڏي ۽ ڪاوڙ ڀريل آواز جو پڙاڏو هيٺ تائين هلندو ويو.

پرنس انڊريءَ جڏهن زال کان موڪلائڻ ويو، تڏهن هوءَ بيٺڪ واري ڪمري ۾ ماشا ۽ هنجي فرانسي ساٿڻ سان ويٺي ڳالهيون ڪري رهي هئي. "مونکي هاڻ وڃڻ گهرجي،" انڊريءَ چيو. "هاڻ" لفظ تي هن غير رواجي زور ڏنو، گويا چوڻ ٿي چاهيائين ته، "هاڻ تون پنهنجو ننڍڙو ناٽڪ ترت ختم ڪر."

"انڊري! ايترو جلد؟" لائيس چيو. هنجو چهرو پيلو پئجي ويو ۽ رنجش مان هن ڏانهن نهارڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندريءَ جنهن هنڪي ڀاڪر پائڻ لاءِ ٻانهون وڌايون تنهن هنڪي قدري ڍرڪندو محسوس ڪيائين. تمام سنڀال سان آهستي آهستي ڪٺي، هنڪي آرام ڪرسيءَ تي ليٽايائين، هنجي چوڌري طرف نهاريائين ۽ سندس بيرنگ چپن کي چميائين.

پوءِ پيءُ طرف منهن ورائي چيائين، "چڱو، ماشا!" پنهي هڪ ٻئي جا هٿ چميا ۽ اندري تڪڙو تڪڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

* * * * *

آڪٽوبر ١٨٠٥ جي وچ ڌاري، ٻهرئون روسي فوجون آسٽريا جي اوير وارن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پهچي چڪيون هيون. هو آسٽريا جي جنرل مئڪ جي فوج سان آلم شهر ۾ جلد وڃي گڏجڻ جي حڪم ملڻ لاءِ ترسيا ويٺا هئا ۽ حڪم ملڻ ۾ ايتري دير جو سبب هنهنڪي سمجهه ۾ نه ٿي آيو. هڪ ٻئي پٺيان عجيب رفتار سان حڪم ۽ انهنڪي رد ڪرڻ جا حڪم نڪري رهيا هئا. فوج جا سولجر ٿوري آرام ملڻ تي ناراض نه هئا، ڇاڪاڻ ته هزار ميل ڊگهو مفاصلو پنڌ ڪري هو هاڻ ٿڪجي پيا هئا، هنهنڪي ڪاڌي، ڪپڙن ۽ فوجي اسباب جي به تنگي هئي ۽ اها تنگي تيسين هلڻي هئي، جيسين پٺيان ايندڙ مال جون گاڏيون اچي پهچن.

اهڙي هڪ پلٽڻ آسٽريا جي برانو شهر ۾ سانجهيءَ جي وقت اچي پهتي. فوجين کي ميرا، ڦاٽل، ٻٽڻ چنل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپڙا پهريل هئا ۽ سندن بوٽن ۾ ٽنگ ٿي ويا هئا. برانو ۾ پهچڻ شرط هننکي معلوم ٿيو ته صبح جو روسي ڪمانڊر - اِن - چيف ۽ آسٽريا جو جنرل گڏجي هنجي چڪاس ڪندا. ان ڳالهه جو جنرل اهو حڪم ڏنو ته بلڪل آهي ڪان ٻاهر نڪري ويو. سندس فوج جي سپاهين اُن ڏينهن ٢٥ ميل پنڌ ڪيو هو ۽ هاڻ هو سڄي رات ويهي پنهنجن ڪپڙن کي ڌوپا ڏيڻ ۽ صاف ڪندا وتن ۽ پالش ڪندا رهن!

صبح جو سوير هن فوجن کي قطارن ۾ بيهڻ جو آواز ڏياريو، جڏهن فوجي قطارن ۾ قواعدي ڍنگ ۾ سڌا ٿي بيٺا ۽ هو سندن اکيان انتظار ۾ آڪڙ وچان هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ ڪرڻ لڳو، تڏهن سندن صفائي ڏسي قدري عجب ۾ پئجي ويو. هنجي پوري فوجي ويس ۾ صرف بوٽ ئي ڦٽل رهجي ويا هئا، جنکي ٺيڪ ڪرڻ هنجي وس کان ٻاهر هو.

جو شخص ڪمانڊر - اِن - چيف جو حڪم کڻي آيو هو، هن اڳتي وڌي جنرل کي ڪن ۾ ڪجهه چيو- جنرل جون مڇون ڪڙيون ٿي ويئون ۽ هن جا ڳاڙها ڳل پيمانڪ نموني سڄي ويا. ڳالهه جي هڪ ميجر ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”اسان به معاملي کي بلڪل منجهائي ڇڏيو آهي. ڪمانڊر جي حڪم ۾ اهو به نه ڏنو ته فوجين کي خاڪي ڪرت پهرائڻا آهن؟“ پوءِ ڳالهه جي وڄهو وچي گهٽيل اواز ۾ رنڀڻ ڪيائين، ” جوانو!

هي ڪپڙا بدلي خاڪي ڪوٽ پهري اچو ۽ ڏٺي جي
ٿالي جلد ڪجو!"

ڪپتان ۽ سارجنٽ فوجين ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ
لڳا ۽ ڏسندي ڏسندي سڄي پلٽڻ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندڙ،
واڪا ڪندڙ ۽ ڪاندڙ ماڻهن جي ڳڙ ڳڙ ڏاڍي بڻجي
ويئي. سڀ فوجي بيحد تيزيءَ سان قميصون لاهي،
خاڪي ڪوٽ پهرڻ لڳا.

اڌ ڪلاڪ بعد، سڀ فوجي وري قطارن ۾ بيهجي
ويا. جنرل جون نسون نيون هيون. هو وري فوجين جي
اڳيان پنهنجي ساٿين آڪڙ سان اچ وڃ ڪرڻ لڳو ۽
پنهنجي بي رحم نگاهن سان هنن کي جاچڻ لڳو.

اوچتو هو رڪجي ويو ۽ سندس چهري ۽ ڳلي
واريون لال نسون اڀري آيون. هنجي نظر قطار ۾
هڪ فوجيءَ تي نظر پيئي هئي، جنهن کي خاڪيءَ
بدلي نيرو ڪوٽ پهريل هو. اُن قطار جي ڪپتان
طرف منهن ڪري، آڱر سان اِن فوجيءَ ڏانهن اشارو
ڪري، هن پڇيو، "هي جهنگلي هنگاريءَ جي
ماڻهن جهڙو شخص ڪير آهي؟"

"هو ڊاهوف آهي سائين! جنهنجو فوجي درجو
گهٽايو ويو آهي."

"گهٽايو ويو آهي ته ڇا ٿيو؟ انڪري ڇا تون
فوجين کي ڪنهن وقت زنانا ڪپڙا پائيندين؟" ۽
غصي پيريل آڪڙ وچان ڊاهوف جي ويجهو ويو. ڊاهوف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي سخت ۽ سفيد چهري تي بيشرميءَ سان ڏند ڪڍي سڌو جنرل جي اکين ۾ نهارڻ لڳو.

”اِن نيلي ڪوٽ ۾ ڇا ڪري رهيو آهين؟“ جنرل پونڪيو. ”سارجنٽ! لاهينس - جو اهو ڪوٽ!“

”جنرل! مان حڪم مڃڻ لاءِ تيار آهيان -“ ڊلهوف صاف ۽ بلند آواز ۾ چيو.

”خاموش!“ جنرل گجگوڙ ڪئي.

”- پر گاريون کائڻ لاءِ تيار نه آهيان،“ ڊلهوف ساڳئي صاف ۽ بلند آواز ۾ جملو پورو ڪيو.

جنرل تعجب وچان هن ڏانهن نهاريو. پوءِ رڙ ڪيائين، ”فورن خاڪي ڪوٽ پهرايس!“ ۽ غصي ۾ اڳتي وڌيو.

ان واقع کان ٿورا منٽ پوءِ، ڪمانڊر-اِن-چيف پيدو پرنس ڪتزوف، آسٽريا جي هڪ جنرل سان گڏ، سرڪاري گاڏيءَ ۾ سوار ٿي وائنا کان هتي اچي پهتو. ڪتزوف مضبوط ۽ ڪرڙ هوندي به، عمر جي بار هيٺ جهڪيل معلوم ٿي رهيو هو. هو قطارن جي وچ ۾ آهستي ۽ بنا آنساءِ گهمندي، وچ وچ ۾ ڪنهن آفيسر يا فوجيءَ سان دوستاڻي نموني ڳالهائڻ لڳو. هنجي بوٽن طرف نهاري، بار بار مايوسيءَ سان ڪنڌ ڌوڻي، آسٽريا جي جنرل کي اِشاري سان آهي ڏيکارڻ لڳو. ڪتزوف جي بلڪل پٺيان هنجو شخصي نوڪر هلي رهيو هو. ڪمانڊر-اِن-چيف جي سيني کان ويجهو

هنجو ناهوڪو مددگار پرنس انڊريءِ بولڪونسڪي ڏي هو.
چڪاس پوري ٿيڻ تي ڪتزوف ۽ آسٽريا جو جنرل ڪمانڊر - ان - چيف جي اندرين ڪمري ۾ وڃي ويٺا. ڪتزوف انڊريءَ کي ڪي خاص دستاويز آڻڻ لاءِ موڪليو. انڊريءَ ڪمري جي ٻاهران بيٺل خاص مددگار ڪزلووسڪيءَ کي ڪيڪاريو.
”جنرل مئڪ جي ڪا خبر نہ آهي؟“ ڪزلووسڪيءَ پڇيو.
”نہ.“
”مان سمجهان ٿو، جيڪڏهن هنجي هار ٿي هوندي تہ آنجي خبر بہ اجهوڪي اچي پهچندي.“
”مان بہ ائين ئي ٿو سمجهان،“ ايترو چئي هو جڻن ٻاهر نڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو، تڻن هڪ ڊاڙهو شخص دروازو کولي اندر ڍوڪي آيو. هنکي ڊگهو ڪوٽ پهريل هو، جنهنتي آسٽريا فوج جو ٻلو لڳل هو. هنجي مٿي تي ڪارو رومال ويڙهيل هو ۽ هو منڊڪائيندو، آهستي آهستي اڳتي وڌيو.
”ڪمانڊر - ان - چيف ڪٿي آهي؟“ هن گهٽيل آواز ۾ پڇيو.
”هو ڳالهائڻ ۾ مشغول آهي،“ ڪزلووسڪيءَ چيو ۽ يڪدم اڳتي وڌي ڪمانڊر - ان - چيف جي دروازي اڳيان بيهي، هن کي روڪيائين. ”توهان جو ڇا نالو ٻڌايانس؟“

پر ٺيڪ اُن وقت ڪتزوف پاڻهي دروازو کوليو ۽ ڏاڍي شخص تي نظر پوندي ئي ڇسن وانگر وات ڦاڙي ويس.

مٿي تي پٽي ٻڌل جنرل ڏاڍو ڪاڙهو، ڏپ ۾ ڦاڻ ٿي ڪريو، گويا ڪنهن وڏي خطري کان بچي رهيو هو. هن ٻڪل ٿلهي آواز ۾ چيو، ”ڪم نصيب مئڪ توهانجي سامهون آهي!“

ڪتزوف جي چهري ۾ گهنج پئجي ويا، پوءِ ڪن پل ۾ اهي غائب ٿي ويا ۽ پر رحم نگاهن سان نهاريندي آسٽريا جي جنرل کي اندر وٺي وڃڻ لاءِ هن پنهنجون ٻئي ٻانهون وڌايون. ٻنهي جي اندر ويندي ئي ڪتزوف دروازو بند ڪري ڇڏيو.

اها منحوس خبر روسي فوج ۾ باهه مثل پکڙجي ويئي. اُلم شهر ۾ نپولين، جنرل مئڪ جي فوج تي جيت حاصل ڪئي هئي ۽ آسٽريا جي فوج فرانسين سامهون هٿيار ڦٽا ڪيا هئا. جنرل مئڪ پاڻ اسراري نموني بچي جان بچائي هئي.

اِن ڪانپوءِ وارا ڪجهه هفتا روسي فوجن جي حالت نهايت ئي خطرناڪ رهي. اُلم واري جيت ڪانپوءِ نپولين جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ لک فرانسي فوجون تڪڙيون اڳتي وڌنديون آيون ۽ ڪتزوف جون پنجٽيهه هزار روسي فوجون ڊينوب نديءَ جي ٻرسان واري ميدان طرف پٺتي موٽ کائڻ لڳيون. سڄي وات هنن

هڪ جٿو اڳتي وڌندو نظر آيو. پرنس بئگريشن يڪدم پهرين قطار جي اڳيان هليو آيو ۽ محڪم آواز ۾ زور سان چيائين، ”جوانو! ڌڻي جي مدد سان منهن ڏجو!“

پوءِ اڳيان ڦهليل ڪڏون ڪوپا زمين تي، آن شخص وانگر جو بنا گهوڙي ڪڏهن نه هليو هجي، قدري منڊڪائيندو هو اڳتي وڌيو. پرنس ائنڊري هن سان گڏ هو. اوچتو فرانسيسن جي گوليءَ جو ٺڪاءُ ٿيو، پوءِ ٻيو.. ۽ آهستي آهستي اهي ٺڪاءُ وڌندا ويا. مٿي چڙهندڙن فرانسيسي فوجين جي پهرين قطار مان دونهين جا بادل مٿي اڏامڻ لڳا.

ڪيترا روسي گولين جا شڪار ٿي ڪريا. ٻنهي طرفن کان هلندڙ گولين جا آواز ايترا وڌي ويا جو آفيسرن جا آواز ٻڌڻ ۾ بلڪل نه ٿي آيا. قريب هر فوجيءَ جو منهن مٿيءَ سان پرجي مسخرن جهڙو ٿي ويو هو پر هو پنهنجي پوري طاقت سان توبن ۾ بارود پري رهيا هئا، بندقون ٺيڪ ڪري رهيا هئا ۽ بندقون ۽ توبون چوڙي رهيا هئا.

ائنڊري جيسين ٽڪريءَ جي دامن ۾ گڏ تائين پهتو، تيسين هوا ايتري نه اچي نڪي دونهين سان پرجي ويئي هئي جو هنجي نظر پنهنجي آسپاس صرف ڪجهه والن تائين مس ٿي ويئي. توبن جي گولن ۽ بندوقن جي گولين سان وايو منڊل بلڪل پرجي ويو هو. هنجي

سان گولا ٿي وسايا جو هو سمجهي ويٺا ته روسي فوج جي مکيه پلٽڻ ان حصي ۾ ٿي آهي. هه دفعا آهن وڏي تعداد ۾ هنن تي حملو ڪيو پر هٿي دفعا توبن سان ڪرنڊڙ گولن سان پنهنجا ماڻهو مارائي، پٺتي هٽي ويا.

جنهن مهل انڊري توبن جي پرسان پهتو، ان وقت توشن اسڪو ڪرائين ڳوٺ ڪي گولن ذريعي باه لڳائڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. باه جي پهرين شعلي نظر ايندي ٿي توبمار بارن مثل اچڻ لڳا ۽ توشن جي حڪم لاء ترسڻ بنا ٿي ان طرف وڏيڪ گولا ڇوڙڻ لڳا. ”هو انهن ٿي سڌا ٿيندا،“ هنن خوش ٿي هڪ ٻئي کي هٿڻايو، جڏن باه وڌيڪ وچڙڻ لڳي. ”ماڻ پچائڻ پٺ گوشت کي ان باهه تي!“

انجو بدلو وٺڻ لاء فرانسي فورن ڏه توبون ڳوٺ جي ساڄي طرف ڪاهي آيا ۽ پوري زور سان توشن جي توبن طرف گولا وسائڻ لڳا. منڻن ۾ توبن مٿان گولا ڪرڻ لڳا، جن سان هه گهوڙا ۽ هڪ توبمار جو پير اڏامي ويا.

ڪلاڪ اندر چاليهن مان سترهن توبمار ختم ٿي پر توشن، سنهڙو-سڪڙو، بندرو، اڇا دونهين ۾ ڪن ڦاڙيندڙ آوازن جي وچ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيو هو. هر گولي جي آواز تي نهن ڪان ڇوڏيءَ تائين ڪنبي ٿو هو توبمارن کي وت-وت ڪري رهيو هو، ”دشمن کي اڏيو جراٿو!“ پنهنجي ڪمزور ۽ ٺاوڻي

آواز سان هو ڪين توبن کي ڪڏهن هيڏانهن ته ڪڏهن هوڏانهن ڦيرائڻ لاءِ حڪم ڏيئي، چئي رهيو هو، ”او آن طرف! بس باقي هڪ گولو...“

اڏبري ڪتزوف کي حال ٻڌائڻ ويو ته هن توشن کي موٽ ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ لاءِ چيس. توشن تائين پهچندي، هر پل اڏبريءَ مٿان هڪٻئي پٺيان گولا اڏامي رهيا هئا. بيحد ڪوشش ڪندي به هو پنهنجي اندر ۾ اٿندڙ ڏڪڻيءَ کي روڪي نه ٿي سگهيو. مونکي ڊڄڻ نه گهرجي، هن سوچيو ۽ چاڙهي واڙي گهوڙي تي سوار هوندي ئي، گولن سان برباد ٿيل توبن طرف وڌڻ لڳو.

جڏهن توشن ۽ آنهنجي پگهر ۾ تر ٿيل توبمارن ۾ ابتري نڪا نوڪي متل هئي جو معلوم ٿئي ٿيو ته هر طرف، زمين ۽ آسمان مان گولن جا آواز اچي رهيا هئا. گهوڙن جي سنجن ۽ توبن جي ڦيٿن ۾ ڦهليل رت رنگل زمين تي ماڻهن ۽ گهوڙن جا لاش هڪ ٻئي سان مليا جهليا پيا هئا. جنهن وقت اڏبري توبن جي ويجهو وڃي پهتو، آن وقت توشن پنهنجي هڪ بالا فوجي آفيسر سان ڳالهائي رهيو هو ۽ ٻيو نمبر توب طرف فخر وچان نهاري رهيو هو، جنهنجو توبمار تيز شراب جي اثر هيٺ پاڳان جيان گولن وسائڻ لاءِ محنت ڪري رهيو هو.

”ٻيو پروانو آيو اٿيئي!“ توشن آن نشي ۾ ٻڌل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽوبمار کي چيو، جنهن وقت هڪ گولو اَن ٽوبمار جي پرسان زمين تي اچي ڪريو هو. ”اوان! اهڙوڻي پروانو موت ۾ واپس موڪلڻ نه وسارج!“

”نون چا پاگل آهين؟“ ٽوشن جي بالا آفيسر کيس چيو. ”توکي ٻه دفعا واپس ورڻ جو حڪم ماڻي چڪو آهي.“

”ان ۾ مون اڪيلي جو ڪهڙو ڏوه آهي؟“ ٽوشن ڏچندي، بالا آفيسر طرف خوف وچان نهاريندي چيو.

آفيسر پاڻکي گولي کان بچائڻ لاءِ ترت هيٺ نمڙي ويو. هن وڏيڪ ڪجهه چوڻ تي چاهيو ته ٻيو گولو مٿان لنگهي ويو. هن گهوڙي جون واڳون ورايون ۽ ان کي آڙي هٿي اڳتي وڌي ويو. ويندي ويندي رڙ ڪري چيائين، ”واپس هٽو! هرڪو واپس موٽي!“

ٽوبمارن جي گلن مان گهٽيل ٿهڪ نڪري ويا.

پرنس انڊريءَ ٽوشن کي سختيءَ سان واپس موٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ پڻ سڀني حالت ۾ بچيل توپن کي ٽڪريءَ جي هڪ پاسي، سلامتيءَ واري جاءِ تي چڪي ٻيهارڻ ۾ ٽوبمارن کي مدد ڪئي. ”جيسين وري گڏجون، في الحال موڪلائون ٿا،“

ٽوشن هن سان هٿ ملايو. ”چڱو، موڪلائي!“ چوندي چوندي هنجي ڳلن تي ڳوڙها وهي آيا.

* * * * *

ان وچ ۾ ٽڪريءَ جي کاٻي حصي واري پاولوگراڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلٽڻ کي اوچتو حڪم مليو ته هو فرانسي فوج جي اوچتي حملي کي پٺتي هٽائين. نڪولائي روستوف به ان پلٽڻ ۾ جهنڊو کڻي هلندڙ سوار جي درجي تي هو. هو اڇا گهوڙي تي سوار ٿي نه ٿيو هو ته قطارن ڏاهڻ جو حڪم وڄڻ لڳو.

تلوارون ميانن مان آواز ڪري ٻاهر نڪتيون.

”فورن اڳتي ڊوڙو!“ ڪمانڊر واڪو ڪري چيو.

پهرين قطار وارا گهوڙا نڪولائيءَ کان اڳتي وڌندا ويا. گولين جا آواز فضا ۾ گونججڻ لڳا. نڪولائيءَ ڏٺو، ساڄي طرف سندس پلٽڻ جون قطارون اڳتي وڌي رهيون هيون پر هنجي رفتار تيز نه هئي. هن سان گڏ هلندڙ فوجي آفيسر بار بار واڪا ڪري چئي رهيا هئا، ”نڪڙا وڌو!“

نڪولائي جڏهن ڏي گهوڙي کي ڊوڙائڻ لاءِ اڙي هڻيون، تڏهن تي گهوڙي جو پٺيون حصو هيٺ جهڪندو محسوس ڪيائين. پريان .... هنکي گهاٽي وڌندڙ ٽولي نظر آئي. هو سمجهي ويو - دشمن اڳتي وڌي رهيو آهي ۾ مان به هن لاءِ تيار بيٺو آهيان! مياڻ جي سندس بدن سان لڳڻ تي هن دل ۾ خوشي محسوس ڪئي. ٿڌي هوا ۾ تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ تي نبض مان هٿوڙن جهڙان آواز اچڻ لڳا. هن هڪ دفعو وري گهوڙي کي اڙي هڻين ۽ سندس گهوڙي مزي ۾ تال تي هلندو تيز رفتار سان ڊوڙڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄو وقت زخميل سپاهي توبمارن کي توبن تي چاڙهڻ لاءِ نيزاريون ڪري رهيا هئا، پر توبمارن کي حڪم مليل هو ته هو ڪنهن کي به توبن تي نه چاڙهين؛ جئن توبون، جيترو جلد ٿي سگهي، پٺتي پڄايون وڃن.

پلٽڻ جو جهنڊو ڪٽيندڙ، سفيد چهري واري، پاڻهن کي پٺتي ويڙهيل، نڪولائيف، توشن جي توبن اڳيان اچي، بندري ڪپتان کي توب تي چاڙهي وٺي هلڻ لاءِ عرض ڪيو. "ڪپتان! خدا جي نالي، پهلي مونکي توب تي چاڙهي هلو. منهنجي پاڻهن بلڪل زخمجي پيئي آهي ۽ هلڻ کان به لاچار آهيان." هنجي نيزاريءَ جي نوع مان ظاهر هو ته پهن سڀني توبمارن هن کي فاڪاري جواب ڏنو هو.

"چاڙهيوس! چاڙهيوس!" توشن هڪ توبمار کي چيو ۽ پڇيائين، "هو زخميل آفيسر، جنهنکي چاڙهيو هئو، ڪيڏانهن ويو؟"

"مري ويو؛ انڪري هن کي لاهي ڇڏيوسين،" توبمار چيو.

"تڏهن ته چڙهي پئه پيارا،" هن چيو ۽ ان توب طرف اشارو ڪري، جنهن تي زخميل آفيسر کي چاڙهيو ويو هو، چيائين، "شريمتي گولامار تي چڙهي ويهه! ڪٿي ڌڪ لڳو اٿيئي؟ ڪٿن لڳئه؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”صرف پاڻهن مڙي وڃي آهي،“ نڪولائي اچائي
ڇهري سان، هڪندي چيو.

”پر توب تي ته رت پئي اڃي،“ توشن چيو.

”هن مثل آفيسر جي آهي،“ توبمار چيو ۽ چمڪندڙ
توب تان رت جا سڀ داغ صفا ڪرڻ لڳو.

* * * * *

پنتي هفتندڙ روسي فوجن سان رشيا مان پهون پلٽڻون
به اچي مليون. جنرل ويرو ٿر جي اگواڻيءَ هيٺ آسٽريا
جي هڪ وڏي پلٽڻ به اچي هنن سان شامل ٿي. آسٽريا
جو بادشاهه فرئنسز ۽ رشيا جو شاهه سڪندر زار، ٻئي
اولموز شهر ۾ گڏيا هئا، جتي هنن فوج جي بالا آفيسرن
کي ڪوٺايو هو. آتي اهو فيصلو ڪيو ويو ته ٻنهي
ملڪن جون فوجون گڏجي نئپولين جي فوجن سان
چڪري ڪاڻن ۽ انهن جو مقابلو ڪن، جيتوڻيڪ
ڪتزوف ان فيصلي جي خلاف صلاح ڏني.

ٻنهي ملڪن جون فوجون آسٽريا جي اوير طرف
پرازن ٽڪريءَ ڏانهن وڌڻ لڳيون، جتي روسي فوجن
اڳ ۾ ئي ديرو ڄمايو هو. هنجي سامهون، ٻن ميلن
جي فاصلي تي، فرانسي فوجون ٻيءَ ٽڪريءَ تي منزل
لڳائي ويٺيون هيون.

نئپولين پاڻ سخت ٿڌ ۾ فوجن جي قطارن ۾
گهوڙي تي سوار ٿي گهمي رهيو هو، جنهن وقت هن
جو فوجن ڏانهن پيغام بلند آواز ۾ پڙهيو ٿي ويو --

هنجي ٽرسڻ لاءِ صلاح سيني ريٽي ڇڏي هئي ۽ هنکي جو ڪجهه ڇوڙو هو، آهو ڇٽي چڪو هو. هاڻ هو قريب ننڊ ۾ هو.

آسٽريا- فوج جو اسٽاف- ڪمانڊر ويرو ٿر، آن شخص وانگر جو هڪ پل به اجايو وڃائڻ نه چاهي، ڪٽزوف جي بند ٿيندڙ اکين طرف بيچينيءَ مان نهاريندي، هن کي حملي جي پوري رٿا سمجهائڻ لڳو. حملي جو مکيه بار روسين تي ڏي هو، جنکي پرازن ٽڪريءَ تان هيٺ لهي فرانسيسن تي ساڄي طرف کان حملو ڪري، کين بوهيميا پهاڙن طرف واپس ڀڄائڻو هو.

ڪٽزوف گونگهرا هڻڻ شروع ڪيا. ڪيترين راتين جي لڳاتار اوجاڳي سبب هو بلڪل ٿڪجي پيو هو.

ويروٿر نفرت وچان هن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن صبح واري حملي بابت لمبو ۽ تفصيلوار احوال پڙهڻ لڳو. "اگر نيپولين کي اسان تي حملو ڪرڻو هجي ها ته هو اڄ ئي ڪري ها،" هن چيو. "مان نه ٿو سمجهان ته هن وٽ چاليهن هزارن کان ڪو وڌيڪ فوجون هونديون."

"آن حالت ۾ اگر هو اسان جي حملي جي انتظار ۾ آهن ته پوءِ آهو يقينن هن لاءِ خاتمو ثابت ٿيندو،" هڪ روسي جنرل طنزيه نوع ۾ چيو.

"دشمن پنهنجون باهيون وسايون آهن ۽ هاڻ آتان آواز اچي رهيا آهن،" ويروٿر چيو. "ان جو مطلب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي هو پڻتي هٽي رهيا آهن، جنهنجو ڏي اسان کي انديشو هو، يا ـ پنهنجو طرف بدلائي رهيا آهن. آن حالت ۾ اسان پاڻ گهٽي تڪليف کان ڇٽي پوندا سين پر اسانجي رٿا ۾ ڪو فرق نه پوندو."

"فرق ڪٿن نه پوندو؟" پرنس انڊريءَ پنهنجي دل ۾ آنڊز شڪن شبهن جو اظهار ڪندي چيو. پر ڏيک آن وقت ڪتزوف پنهنجون اکيون کوليون، ڪنگهي گلو صف ڪيائين ۽ چوطرف ويٺلن ڏانهن نهاريائين. دوستو!" هن چيو. "سپاٽي جو وستار ـ پر سپاٽي جو ڪٿن؟ اڄ جو، چاڪاڻ ته هن وقت هڪ وڃي چڪو آهي ـ اڄ جو اهو وستار هاڻ ته بدلجي نه سگهندو. توهان پڏي چڪا آهيو ۽ اسين سڀ پنهنجو فرض ادا ڪنداسين ـ ۽ لڙائيءَ کان اڳ ڪا به ڳالهه اهڙي ضروري نه آهي . . جهڙي مٺي ننڊ."

ٻئي ڏينهن صبح جو پنهنجي پوري عربي گهوڙي تي سوار ٿي، نئپولين پنهنجن فوجي آفيسرن کان ڪجهه قدم اڳتي بيٺو، چپ چاپ گهوريندو سامهون نهاري رهيو هو. دشمنن جي فوجن سامهون واري ٽڪري والاري هئي. گذريل رات هو آرام ۾ سمهيو هو ۽ هاڻ پاڻکي تازو توانو محسوس ڪري رهيو هو. صبح جا نوَ لڳا هئا. ڊسمبر ١٨٠٥ جي ٢ تاريخ هئي. اهو ڏينهن هنجي تخت نشينيءَ جو سالگره هو.

ڪوهيڙي جي گهاٽي پڙدي پٺيان هنکي روسي

اٽڪل ٻه سؤ والن جي فاصلي تي، فرانسي لشڪر روسي لشڪر طرف طوفان مثل تکڙو تکڙو وڌندو اچي رهيو هو. اندريءَ ڪتزوف طرف منهن ڪري رڙ ڪئي، ”اسانکي فورن پنهنجين پلٽڻن کي آگاه ڪرڻ گهرجي.“ پر اُن وقت گولن ۽ گولين جي ٺڪاٺوڪيءَ سان هر طرف ايترو دونهون ٻرجي ويو، جو ڪجهه به نظر نه ٿي آيو. صرف هڪ روسيءَ جو گهٽيل آواز ٻڌڻ ۾ آيو، ”سائيو! سڀ ختم ٿي ويو!“

اُن آواز گويا حڪم جو ڪم ڪيو. ڊسندي ڊسندي پورو روسي لشڪر پٺتي ڀڄڻ لڳو ۽ اُنين ڪندي هو اندريءَ کي به پٺتي ڌڪا ڏيڻ لڳا. جڏهن هو وڃي چڪا، هن ڏٺو ته ڪتزوف رت رنگيل رومال سان پنهن جي هڪ ڳل کي دٻائي بيٺو هو. ”توهين ته زخمجي پيا آهيو؟“ اندريءَ سهڪندي چيو.

”زخم هتي نه، بلڪ هتي آهي،“ ڪتزوف ڀڄندڙ فوجين ڏانهن اشارو ڪندي چيو. هن گهوڙي کي اڙي هڻين ۽ ساڄي طرف وڃڻ لڳو. اندريءَ به هنجي پٺيان آيو. پٺتي ڀڄندڙ روسي فوجين جي نئين مجموعي هنن کي سمنڊ جي لهرن مثل پٺتي ڌوڪي ڇڏيو. هو پاڻ سنڀالي، ڪڏهن کابي ته ڪڏهن ساڄي ڌڪجندا، روسي لشڪر جي اُنهن توبن طرف وڃڻ لڳا جي اڃا فرانسن طرف گولا وسائي رهيا هئا، جيتوڻيڪ فرانسي هنن طرف وڌندا به ٿي ويا!

## ٣

# ملڪار

پيڙهيءَ هن مهل تائين پنهنجي زندگي بلڪل اڪيلائيءَ، عياشيءَ ۽ آزاديءَ ۾ گذاري هئي. ور هاڻ ڪائونٽ بيزهوف ۽ رشيا جي وڏي ۾ وڏن اميرن مان هڪ ٿيڻ تي هو پاڻ کي ملاقاتين ۾ وڪوڙيل ۽ معاملن ۾ ايترو مرغوب معلوم ڪرڻ لڳو هو ڪن جي ڪري اڪيلائي نصيب نه ٿي ٿيس. سواءِ سمهڻ واري وقت جي. سڄي ڏينهن ۾ هنکي انيڪ ڪاغذن تي صحيون ڪرڻيون ٿي پيون، ڪورٽن جي ميڙن ۾ شامل ٿيڻو ٿي پيس، جائداد سنڀاليندڙن سان صلاح مصلحت ڪرڻي ٿي پيس ۽ بيا به اهڙا ڪيترا ئي ڪم ڪرڻا ٿي پيس جن جي نه ڪا خبر هئس ۽ نه انهن ۾ ڪو چاهه ٿي هئس. ٿنهن ڪانسواءِ سوين ماڻهو، جنکي ان ڪان اڳ هنجي وجود جي ڄاڻ نه هئي، هاڻ وس پڄندي ڪڏهن به هنکي اڪيلو نه ڇڏيندا هئا.

انهن گهڻگهرن ۾ پرنس واسلي سڀني کان اڳرو هو

۽ هن اڻ گهري ڪاٺ مثل نوجوان کي سندس نئين اهم حيثيت جي شان مان خواه ان زندگيءَ جي انيڪ خوشين سان هيرڻ ۾ طرح طرح جون ڪوششون ڪندي، ڪابه تڪلف محسوس نه ڪندو هو. هن ڪيس زار بادشاه جي حضور ۾ شامل ٿيندڙ چند اهم ماڻهن ۾ شامل ٿيڻ جو شرف وٺي ڏنو، پيٽرسبرگ وٺي وڃي پنهنجي گهر ۾ رهايائينس ۽ شهر جي تمام معزز هستين سان واقف ڪرايائينس.

پيٽريءَ محسوس ڪيو ته حسين ايلن کي به ٻيءَ وانگر هنجي دوستي وڻي رهي هئي ۽ هو ان ڳالھ تي دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو. جدا جدا ميڙن، محفلن ۽ مجلسن ۾ هو ٻئي گڏ نظر اچڻ لڳا ۽ جاچي ڏسڻ وارن کي معلوم ٿئي ٿيو ته پيٽري پنهنجي اڻ گهڙي نموني ايلن جي سندرتا تي مشتاق ٿي پيو هو.

”دلفريب سونهن آهي، ڪمن؟“ ائنا پاولوونا شيرر هڪ شام جو پيٽريءَ جي ڪن ۾ پڻڪيو. ”۽ ڪهڙي نه نزاڪت سان ٿي هلي! هلت چلت ڪهڙي نه شاناڻتي ۽ ڪماليت جي انس! هنکي حاصل ڪندڙ شخص به ڪو وڏي خوش قسمتيءَ وارو هوندو. بلڪل معمولي ماڻهو به هنجو مڙس ٿيڻ سان سماج ۾ عزت جو حقدار بڻجي ويندو!“

پيٽري هال جي ڪنڊ طرف وڌي ويو، جتي ايلن ائنا جي چاچيءَ سان ويٺي ڳالهيون ڪري رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعوت ڏني هئي، مانيءَ کانپوءِ، مهمانن جي وڃڻ بعد پيٽري ۽ ايلن هڪ اڪيلي ڪمري ۾ ڪيتري دير ويٺا رهيا.

ٻاهر واري هال ۾ پرنس واسلي هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ ڪري رهيو هو. ڪافي دير گذرڻ تي هن زال کي چيو، ”تون وڃي ڏسي اچ ته هو ڇا ڪري رهيا آهن.“

ٿوري دير بعد پرنسيز موٽي آئي ۽ چيائين، جيڪي شروع ۾ ڪري رهيا هئا. آهوئي!“

پرنس واسليءَ جي چهري ۾ گهنج پئجي ويا ۽ هنجي وات جي هڪ ڪنڊ ڇڙي ۽ وحشي نموني ۾ سيٽجي ويئي. اوچتو هن گردن ورائي ۽ مڪمل قدمن سان آن ڪمري طرف نڪتو وڃي ويو ۽ سڌو وڃي پيٽريءَ جي پرسان بيٺو. پرنس جو چهرو ايترو ته گنڀير نظر اچي رهيو هو جو پيٽري هنکي ڏسندي ئي ڊپ ۾ اٿي بيٺو.

”ڏاڍي مهربان آهي!“ پرنس واسليءَ چيو. ”منهن جي زال مونکي سڀ ڪجهه ٻڌايو آهي.“ هن هڪ ٻانهن پيٽريءَ جي ڳلي ۾ وڌي ۽ ٻي ڌيءَ جي ڳلي ۾ ۽ چيائين، ”منهنجا پيارا پيٽري! ايلن! اڄ مان ڪيڏو خوش آهيان!“ هنجو آواز جنبش سان پرجي ويو ۽ هن هٿڪندي چيو، ”مان تنهنجي پيءُ جي عزت ڪندو هئس.... ۽ هوءَ تنهنجي نيڪ زال ٿيندي... ڏاڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي توهان پنهي تي رحمت رهي!" هنجا گل آنسن سان آلا ٿي ويا.

ڇهن هفتن بعد هنن جي شادي ٿي.

شاديءَ کانپوءِ پيٽري وڌيڪ ۽ وڌيڪ شراب پيئڻ لڳو. اڪثر هو پنهنجي ايپاس واري ڪمري ۾، شراب جي بوتل اڳيان رکي ويٺو رهندو هو. اهڙي حسين زال طرف هنجي لاپرواهيءَ جي رخ ڪارڻ ماڻهو هنکي ڌڪاريندا هئا، ليڪن ايلن سان محفلن، مجلسن ۽ پارٽين تي گڏجي وڃڻ لاءِ سندس قدردانن جي ڪمي نه هئي. اهڙن ميڙن ۾ هنجي سونهن جي اچا تعريف ٿيندي هئي ۽ اچا ڪوئي سندس لاجواب حسن جي مقابل نه ٿيو هو.

ڊاهوف، جنهن کي جنگ جي ميدان تي بهادري ڏيکارڻ سبب، وري وڌائي آفيسر ڪيو ويو هو، ڪجهه ڏينهن جي موڪل تي ماسڪو آيل هو. گذريل ڪجهه ڏينهن کان هو ۽ ايلن پاڻ ۾ گهڻو گڏ نظر اچڻ لڳا. پيٽريءَ جي دل ۾ هنجي رلڻ ملڻ نسبت تر ماتر جو به شڪ نه جاڳيو. آن ڏينهن رات جو انگلش ڪلب ۾ مجلس لاءِ گڏ ٿيل مهمانن ۾ هو ٻئي هڪٻئي جي سامهون ويٺا هئا. هميشه موافق، ان ڏينهن به پيٽريءَ تمام گهڻو شراب پيتو هو. جڏهن ڊاهوف شراب جو گلاس هن طرف وڌائي، ڏانهس شرارتي نموني گهوري نهاريندي چيو، "حسين عورتن ۽ هنجي پيار ڪندڙن

جي صحت جو جام!" نڌهن پيٽري هنجي اکين ۾ شيطاني گهور ڏسي، اڙکوڙائيندڙ قدمن سان آئي ٻيٺو. ميز تي جهڪي، لڏندي لمندي، ڏيمي آواز ۾ چيائين، "نيچ .... ڪميڻا .. مان تو کي * للڪار ٿو ڏيان." ايترو چئي هٿ واري گلاس جو جونئو شراب هنجي چهري طرف اڇلايائين.

ٻئي صبح جو اٺين بجي ماسڪو شهر جي ٻاهران سوڪلنڪي نالي واري ننڍين وڻن جي جهنگل واري ميدان تي پنج ڄڻا اچي پهتا. پيٽريءَ جو مددگار

---

* للڪار - روس ۾، زار بادشاهه جي ڏينهن ۾ "للڪار" جو هڪ طريقو مروج هو، جنهن موجب اگر ڪوبه شخص ٻئي شخص کي وڙهڻ جي للڪار ڏيندو هو ته مقرر ٿيل وقت تي شهر يا ڳوٺ کان ٻاهر وڃي اهي ٻئي شخص هڪٻئي کان دور بيهي، پنهنجن پنهنجن پستولن ۾ گوليون ڀري هڪٻئي جو نشان وٺندا هئا. انهن شخصن سان هڪ هڪ مددگار دوست ۽ وچ ۾ هڪ فيصلو ڪندڙ "امپاير" بيهندا هئا. اهڙي دوبدو جهڳڙي ۾ ٿيندڙ خون قانوني نڪته نگاهه کان ڏوهه نه ليکيو ويندو هو، گويا انسان به ڪڪڙ هئا ۽ ڪڪڙن جي ويڙهه ۾ هڪ مئو به ته ڇا ٿيو! ڪير چوندو ته زار شاهي زندگيءَ کي به پنهنجون خوبيون نه هيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس دوست نيسوسڪي هو ۽ ڊلهوف جو مددگار، نوجوان نڪولائي روستوف بڻيو هو. ڊينيسوف نالي وارو هڪ فوجي آفيسر ”امپاير“ ٿيڻ قبولي آيو هو ۽ هن ٻيهريءَ ۽ ڊاهوف ٻنهي کي پستول ڏنا. پوءِ پڇتي هٿي، پريان چيائين، ”منهنجي ٿي چوڻ تي، توهين هڪ ٻئي ڏانهن اڳتي وڌي گوليون هلائجو. هڪ ... ٻه ... ٽي!“

ڊاهوف پنهنجين نيلين اکين سان دشمن کي گهوري نهاريندو ۽ هميشه موجب چپن تي شرارتي مشڪ ڦهلائيندو، آهستي آهستي ٻيهريءَ طرف وڌڻ لڳو. ٻيهري پنهنجي ساڄي ٻانهن تمام اڳتي وڌائي، هٿ ۾ پستول جهلي بيٺو. ان کان اڳ هن ڪڏهن به پستول نه هلايو هو. ڊپ ٻئي ٽيس نه ڪٽي سندس ٿي گولي ڪيس ٿي ماري نه ڇڏي! هن پنهنجون اکيون بند ڪري گولي هلائي. اکيون کولڻ تي دونهين سبب ڪجهه به نظر نه آيس. ڊلهوف جي گوليءَ جي انتظار ۾ هو بت مثل هڪ هنڌ بيٺو رهيو دونهو صاف ٿيو. ڊلهوف پنهنجي کاٻي پاسي جهڪي ويو هو ۽ نڪولائي روستوف هنکي جهلي بيٺو هو. ”مان هنکي نه ڇڏيندس ... اڇا نه ...“ ڊلهوف ڪنجهندي چيو. ”آف! ... منهنجي امڙ! ...“ هو روستوف جي ٻانهن ۾ ڍرڪجي پيو.

ان واقع کان ٿي ڪلاڪ پوءِ، ٻيهري هميشه موجب اڪيلو واري ڪمري ۾ ويٺو هو نه ايلن اندر

ٻوڙي آئي. ”مان هاڻ ماسڪو ۾ منهن ڏيکارڻ جهڙي نه رهي آهيان،“ هن بيحد غصي وچان واڪو ڪري چيو. ”واه! واه ڙي سوروبر واه! شراب جي نشي ۾ ڪجهه پتو به پيئه ته ڪنهنکي ماري رهيو آهين؟ جنهن شخص جو اڄ خون ڪيو اٿيئي-“ هنجو آوز رڙ ۾ بدلجي ويو، ”آهو هر لحاظ کان توکان بهتر شخص هو.“

”سون سان نه ڳالهاء... مان توکي عرض ٿو ڪريان... تون هلي وڃ،“ پيئري گهگهي آواز ۾ پڻ پڻ ڪندي چيو.

”چو وچان،“ چونه ڳالهايان؟ مشڪل ڪا اهڙي عورت هوندي، جا تو جهڙي مڙس هوندي، پريمي نه رکي. اها مان ئي آهيان جنهنکي ڪو پريمي نه آهي،“ هن واڪو ڪري چيو.

”بهتر ٿيندو اسين هڪٻئي کان جدا ٿيون،“ پيئري ٤ بيحد پيڙا جي اثر هيٺ غمگين نوع ۾ چيو.

”بلاشڪ! مونکي ڪهڙي پرواه آهي!“ ايلن چيو، ”پر مونکي ملڪيت جو حصو ڏيڻو پوندو، اها ڳالهه ياد هجيئي!“

پيئري ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ ڪرندي اڪٽي وڌيو. ”مان تنهنجو خون ڪندس!“ هن رڙ ڪئي ۽ پرسان پيل ميز تان وڏو گول سنگمرمر جو پٿر ٻنهي هٿن سان مٿي کنياڻين.

ايلن ڪيڪ ڦاڙي ۽ ٽاپا ڪائيندي، هن کان پري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ويئي. پيٽريءَ جو چهرو بيحد ڏڪار جي اثر هيٺ ڪاراٽجي ويو. هن سنگمرمر جي پٿر ڪي زمين تي آءِ لائي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. ”وڃ!“ هن گجگوڙ ڪئي. ”وڃ!“ هوءَ ڪمري ڪان ٻاهر ڊوڙي ويئي.

هڪ هفتي بعد پيٽريءَ پنهنجي اڌ ڪان ڪجهه وڌيڪ جاگيرن جي آمدني زال جي نالي ڪري ڇڏي.

* * * * *

پيٽري هاڻ پنهنجو سڄو وقت ڪلب ۾ گذارڻ لڳو. پيٽرسبرگ واري حياتيءَ لاءِ هنجي دل ۾ ڪراهت پيدا ٿي ويئي هئي. بادشاه جي حضور ۾ ڏکيون رسمون هنجي سهڻ کان ٻاهر ٿي ويئون هيون ۽ لڳاتار هلندڙ، چمڪ ڏمڪ سان ڀرپور، بي مطلب سماجي ميڙن - مجلسن هنجي اندر ۾ انقلاب پيدا ڪيو هو. هو وري شرابخوريءَ ڪي لڳي ويو، ڪنوارپ وارن ڏينهن جهڙي بي لغام دوستيءَ ۾ مرغوب ٿي ويو ۽ ترت پيٽرسبرگ ۾ هنجا عيشي ڪرتوت اهڙا ته مشهور ٿي ويا جو هرڪو افسوس ڪائڻ لڳو ته هو نه صرف پنهنجو نالو بدنام ڪري رهيو آهي، پر حسين ڪائونٽيس ايلن جو نالو به خراب ڪري رهيو آهي. پيٽريءَ کي اهو الزام دل سان لڳو، انڪري ۽ زال سان ناه نه ڪرڻ خاطر، هو پيٽرسبرگ ڇڏي، ماسڪو ۾ وڃي رهڻ لڳو.

ماسڪو ۾ زندگي اهڙي ڪٺن نه هئي. هڪ ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي عقلمنديءَ کي ڪم ڪرڻ جي خواهش مٿان غالب پئون ڏنو. زندگيءَ جو نقلي ۽ فريبي روپ هن کي صاف نظر اچڻ لڳو. هنکي انسانن جي هر جدوجهد خرابي ۽ فريب ۾ رنگيل نظر اچڻ لڳي. هن جيڪي ڪجهه ٿيڻ ٿئي چاهيو، جيڪي به ڪرڻ ٿئي چاهيو، اهو يڪدم ڪيس بگڙيل ۽ بي مطلب معلوم ٿيڻ لڳو. باوجود انجي هنکي زنده رهڻو هو، ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو هو. زندگيءَ جي منجهيل مسئلن جي ياد، سهڻ کان ٻاهر درد مثل هئي، انڪري صرف آنهن کي وسارڻ لاءِ هن ٻاڻ کي طرح طرح جي عيشن ۾ مرغوب ڪري ڇڏيو، جن ۾ سڀ کان وڌيڪ اثرائتا هئا - شراب ۽ عورتون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

## ذراسکي

بليڪ هلس ڏي جنهن وقت اڊنبريءَ جي زال کي سور شروع ٿيا، اُن وقت ڏائين اڊنبريءَ جي ڪابه خبر چار آڻي نه پهتي هئي. شاهي سڙڪ طرف ڪجهه گهوڙيسوارن کي جرمن ڊاڪٽر کي گهرائڻ لاءِ موڪليو ويو هو، جو هاڻ ڪنهن مهل به اچي پهچڻو هو. شام جي وقت لعلٽيمن سان ڪجهه ماڻهن کي به موڪليو ويو هو جئن برف ۾ ڦيل ٿنگن مٿان هنن کي سنڀال سان هلڻ ۾ مدد ڪري سگهن.

پرنسيز ماشا پنهنجي ڪتاب ۾ وڌيڪ ڌيان لڳائي نه سگهي. هوءَ چپ چاپ ويٺي پنهنجين چمڪندڙ اکين سان پڊيءَ نرس جي گهنجيل چهري طرف نهاريندي رهي. نرس سڄو وقت ويٺي سوئيٽر اُڻي رهي هئي ۽ وچ وچ ۾ ور ور ڪري چئي رهي هئي، ”ڌڻي مهربان آهي. ڊاڪٽرن جي ڪا ضرورت نه آهي.“

اوچتو هڪ دري زور سان کلي ويئي ۽ هوا جي

جهوڻي پڙدي کي لهرائيندي، ڪمري ۾ ٺڏڪار پري
چڙي. ٻڍي نرس سوئيٽر پاسيرو رکي، دريءَ طرف
ويئي. دريءَ کان ٻاهر نظر پوندي ئي هن چيو، ”پياري
پرنسيز! هو ڏس، سامهون شاهي رٿتي تان ڪوئي
لعلٽين ساں اچي رهيو آهي. پڪ ڊاڪٽر هوندو!“

”ڏئي جا هزار شڪر!“ پرنسيز ماشا چيو. ”تڏهن
ته مونکي يڪدم وچي هنکي اندر وٺي اچڻ گهرجي.
هن کي روسي ٻولي به نه ايندي آهي.“

پرنسيز ماشا يڪدم ٻاهر وچي ڏاڪڻ جي منهن
وٽ وچي بيٺي. ڏاڪڻ جي پهرين ماڙ واري وڪڙ
وٽ هڪ نوڪر ميڻ بتي جهلي بيٺو هو ۽ هيٺ گهر
جو رسويو دروازو کولي رهيو هو. هنجي ڪنن تي
ڪجهه سجاڻل آواز پيو، جنهنجي جواب ۾ رسويي جو
ڳالهائڻ ٻڌڻ ۾ آيس. پوءِ ڏاڪڻ واري هيٺين، نظر نه
ايندڙ حصي تي ڳري بوٽ جي مٿي چڙهندڙ قدمن جا
آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳس.

”اڻڌري آهي!“ هن سوچيو. ”نه، هو ڪٿن
هوندو؟“ — ۽ ٺيڪ اُن وقت ڏاڪڻ جي وڪڙ وٽ،
جتي نوڪر ميڻ بتي پڪڙي بيٺو هو، اڻڌريءَ جي
صورت ۽ جسم نظر آيا. هو ڳري پيلو ٽي ويو هو،
هنجو چهرو عجيب نموني بداجي، ڪومل ٿي، بغاوت
ساں پرجي ويو هو. ڏاڪڻ چڙهي هن پيڻ کي سڪ
سان ڀاڪر پاتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توهانکي تڏهن منهنجي چٺي نہ پهتي؟“ هن پڇيو ”فرانسي مون سان تمام سٺي نموني ۾ هليا ۽ منهنجي ٺيڪ ٺيڪ ٺاٺين چڱيءَ طرح منهنجي سنڀال لهندا رهيا.“ رستي ۾ هن سان جرمن ڊاڪٽر گڏيو هو. هو هنجي پٺيان مٿي چڙهي آيو. اڊنبريءَ فورن پنهنجو ڊگهو ڪوٽ ۽ وڏو بوٽ لاٿو ۽ يڪدم ڊاڪٽر سان گڏجي پرنسيز جي ڪمري ۾ ويو.

لائيس رات واري اڇي ٽوپي پهري گديلي تي ليٽي پيئي هئي. هنجا ور وڪڙ ڪارا وار سندس سڄيل ۽ پگهر سان چيل ڳلن تي پکڙيا پيا هئا. هوءَ خوشيءَ سان پريل مشڪي رهي هئي. اڇا اُن وقت ڏي هنجي پيڙا کيس ڇڏي ويئي هئي. هنجي اکين تي پيهانڪ خوف جو سايو هو ۽ پلنگ جي پرسان بيٺل پرنس اڊنبريءَ کي ڏسي بہ سندس اکين ٽان اهو خوف جو سايو گهٽ نہ ٿيو. هو پلنگ جي چوطرف ڦري آيو ۽ پوءِ آهستگيءَ سان زال جي پيشاني چميائين.

”منهنجا اسلهه رتن!“ هن پڇ پڇ ڪندي آهي لفظ چيا، جي هن اڳ ڪڏهن بہ ڪم نہ آندا هئا. ”سان توکي ڪيترو چاهيان ٿو! ۽... ۽ اسين هاڻي خوب، خوب مزي ۾ رهنداسين.“ هوءَ هن ڏانهن سوال پڇندڙ نگاهن سان، ٺاه واري نوع ۾ گهور ڪري نهارڻ لڳي.

وري سور شروع ٿيا ۽ پڻي نرس اڊنبريءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو. اينڊريءَ ٻاهي واري هڪ ڪمري ۾ وڃي ويٺو. ڪجهه منٽن بعد هڪ عورت ڪمري کان ٻاهر نڪري، هڪ دفعو اينڊريءَ طرف هراسيل نگاهن سان نهاري، تڪڙي ڊوڙي ويئي. اينڊريءَ پنهنجو چهرو ٻنهي هٿن ۾ پوري ڇڏيو. ڪمري مان بيوس جانور جهڙيون پر رحم جوڳيون دانهون ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳيون! جڏهن آهي پوريون ٿيون، تڏهن ڊاڪٽر دروازو کولي ٻاهر نڪتو. هنڪي بدن تي ڪوٽ نه هو، هنجو چهرو سفيد ٿي ويو هو ۽ هنجي هيٺين ڏاڙهي ڏڪي رهي هئي.

پرنس اينڊري ڪمري اندر ويو ته ڏٺائين، ٻڍي نرس جي ڪنبندڙ هٿن ۾ ڪجهه ڳاڙهو ۽ تمام ننڍو هڏڪي ۽ ڪڪرائي رهيو هو. "تنهنجو پٽ آهي،" هن ٻڍي ٻڍي ۾ چيو. هو پلنگ جي پرسان ويو. هنجي زال مرده پيئي هئي ۽ هنجا چپ هميشه موافق بلڪل ٿي وٺندڙ نموني ۾ آيريا پيا هئا.

ٻن ڪلاڪن کانپوءِ. . پرنس اينڊري آهستگيءَ سان پيءُ جي ڪمري ۾ ويو. ٻڍي پرنس کي سڀ معلوم ٿي چڪو هو. ٻنا ڪجهه به ڪڇڻ جي، هنجون ڪهريون ۽ ٻڍيون ٻانهون پٽ جي ڳلي چوطرف وڪڙهجي ويئون ۽ هو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو.

* * * * *

آسٽريا جي لڙائيءَ کي ١٨ مهينا گذري چڪا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُها سڄي شام پرنس اڏبريءَ ڪيترا دفعا نتاشا طرف نهاريو، جا ڪنهن حد ڪان وڌيڪ خوش نظر اچي رهي هئي. ”ڇا، معلوم هوءَ ڪهڙي سبب ايترو خوش ٿي رهي آهي؟“ هو سڄو وقت پنهنجو پاڻ کان پڇندو رهيو.

رات جي وقت، پنهنجي اڪيلي ڪمري ۾، هنجي نيڻن کي ننڊ نصيب نه ٿي. بستري تان اُٿي، هن ڪمري جي دري کولي. رات تازي، روشن ۽ خاموش هئي. دريءَ جي ساڄي پاسي هڪ گهاٽو وڻ هو، جنهن جي مٿان موسم - بهار جي بنا تارن آڪاش ۾ چندرمان پوري زور سان روشني ڦهلائي رهيو هو اوچتو هن مٿان ڇوڪرين جي ڳالهائڻ جو آواز ٻڌو...

”سونيا، سونيا، ڏس ته چنڊ ڪيڏو چمڪي رهيو آهي!“ مٿينءَ دريءَ مان ڪنهن ڇوڪريءَ چيو. هوءَ دريءَ مان ضرور ٻاهر نئڙي ڳالهائيندي هوندي، ڇاڪاڻ ته اڏبري نه صرف هنجي ڪپڙن جي ڦر ڦر، پر سندس دل جي ڌڙڪن به ٻڌي رهيو هو. چندرمان آنجي روشني ۾ پاڇن جيان هر چيز بلڪل خاموش هئي.

”هاڻ اچي سمهه نتاشا! هڪ وڄي چڪو آهي،“ ٻئي آواز چيو.

”پر ڏس ته سهي.... عاليشان چانڊوڪي آهي!“ پهرين آواز ٻڌ ٻڌ ڪئي. جيسين ڇوڪريون دريءَ وٽ ويٺيون هيون، پرنس اڏبري ڪجهه منٽ دريءَ

وٽ بيٺو رهيو. رکي رکي هنجي ڪن تي ڦر ڦر يا اونهي ساهه جي آواز جو پڙلاءُ ٿئي پيو.

”او ايشور! اِن جو الائجي ڪهڙو ارٿ آهي؟“

۽ نتاشا زور سان چيو. ”چکو، هل ته هاڻ هلي سمهون!“

۽ هن زور سان دري بند ڪري ڇڏي.

ٻئي ڏينهن تي پرنس انڊري بليڪ هلس ڏانهن ويو. پڌس کي هن ۾ عجيب آداسائي ۽ بيچيني نظر آئي. پرنس انڊريءَ کيس ٻڌايو ته هو ترت پيٽرسبرگ وڃي رهيو هو، جتي زار جي شان شاهي ناچ ٿيڻو هو. ”منهنجي عمر اجا ايڪٽيهه ورهيه مس آهي،“ هن ذري گهٽ گنهگار نوع ۾ ٻيءُ کي چيو. ”۽ منهنجي هيءَ عمر ڪوٺ ۾ زندگي گذارڻ لائق نه نه آهي.“

روستوف ڪٽنب جا سڀ ڀاتي به ان شاهي ناچ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ وڃڻا هئا، جتي نتاشا پهريون ٿي دفعو اهڙي سماجي ميڙ ۾ ناچ ڪرڻ واري هئي.

* * * * *

نتاشا ۽ سونيا، ٻنهي کي اڇا ڪپڙا پهريل هئا ۽ وارن ۾ ڳاڙها گل پيل هئن. هننکي معلوم هو ته ناچ جي موقعي تي گڏ ٿيل ماڻهن مان ڪيترا هنن طرف تعريفي نگاهن سان ڏسي رهيا، پر ٻنهي مان ڪا به ان ڳالهه تي خوش نه ٿي رهي هئي. ناچ واقع ـ ڏي شاندار هو، جنهن جهڙا رشيا ۾ ڪي ٿورا ناچ ٿيا هوندا. اڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاڪ کان ساز هلي رهيا هئا پر اڃا ڪنهن به ڪين ناچ ڪرڻ لاءِ آڇ نه ڪئي هئي.

پيئري بيزهوف وڏي وڃي پرنس انڊريءَ کي ٻانهن کان پڪڙيو ۽ چيائين، ”تون ته هميشه نچندو آهين،“ هن پنهنجي اٺ-گهرڙي نوع ۾ چيو. ”هو ڏس، سامهون روستوف ڪٽنب جي ڇوڪري ويٺي آهي، وڃي ڪيس ناچ لاءِ آڇ ڪر...“

پرنس انڊري پيئريءَ جي اشارو ڪيل جاءِ طرف وڌيو. پنهنجي فوجي ويس ۾ هو بلڪل بهادر ۽ نهايت ڏاهوڪو معلوم ٿي رهيو هو. ناچ واري هال ۾ ڪيترين نگاهون هنجي پٺ وٺي هلي رهيون هيون، جنهن ڏي هن هال جي وچ مان اکيتي وڌي وڃي نتاشا جي ڏڪيل ۽ مايوس چهري اکيان ڪنڌ نوايو. هنکي ناچ لاءِ آڇ پوري ڪرڻ کان اڳ ڏي هن ڪيس پاڪر پائڻ لاءِ پنهنجو هٿ مٿي ڪيو.

”مان ته ڪيتري وقت کان تنهنجو انتظار ڪري رهي هئس،“ نتاشا جون اکيون گويا ڪيس چئي رهيون هيون، جنهن آنسن شروع ٿيڻ سان هنجي چهري تي مشڪ ڦهلجي ويئي.

پرنس انڊري پنهنجي وقت جو نهايت قابل ناچ ڪندڙ ڪري مڃيو ويندو هو. نتاشا به عجيب خوبيءَ سان ناچ ڪيو. هنجي چهري مان چشمي وانگر خوشي ڦاٽي نڪري رهي هئي. پرنس انڊريءَ ناچ ۾ هن سان

گنڍ گول گول ڦرندي، جڏن ٿي پنهنجي پاڻهن سان هنجي سنهي ۽ ڪومل ڇاتيءَ ڪي پاڻ طرف وڌيڪ ويجهو ٿي ڪيو، هنجي ڏانهنس مسڪندڙ، دل ۾ هلچل مچائيندڙ ڇهري ڪي پنهنجي قريب ٿئي ڏٺو، تڏن ٿي هو سمجهي ويو ته نتاشا جي سندرتا جي نشي ڪيس مدهوش بڻائي ڇڏيو هو.

ٻئي ڏينهن اندري روستوف ڪٽنب جي گهر ۾ ويو آنڪانپوه اڪثر ويندو رهيو. گهر ۾ هرڪو سمجهي سگهيو ٿي ته هو ڇو اچي رهيو هو پر روستوف ڪٽنب جي ننڍڙي لاڏلي ۽ لچاري نتاشا ڪي هڪ حرف چوڻ جي به ڪنهن کي همت نه هئي؛ تان جو آخر هڪ ڏينهن ماڻس پڇيس، ”نتاشا! هن توکي ڇا ڇيو آهي؟“

”هنجي وڌر هئڻ ۾ ڇا ڪو اعتراض آهي، امڙ؟“ هن جواب ڏيڻ بجاءِ پڇيو.

”اهڙي ڳالهه زبان تي نه آڻ ڌيءَ. ڌيءَ جو نالو وٺ. سڀ هنجي ٿي هٿن ۾ آهي.“

”منهنجي مٺڙي امڙ! مان توکي ڏاڍو پيار ڪريان ٿي! مان اڄ ڏاڍي خوش آهيان،“ نتاشا ماءُ ڪي ڀاڪر پائي، ٽپا ڏيندي چيو.

پرنس اندريءَ کي شاديءَ کان اڳ پيءُ کان اجازت وٺڻي هئي. هو بليڪ هلس ڏانهن روانو ٿي ويو. پڍي پرنس پٽ جي سچي ڳالهه بلڪل سانتڪيءَ

اڱنبريءَ هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪري، آنگر چميو ۽ پڇيائين، "پياري، تون به مونکي چاهين ٿي؟"

"ها، ها،" هن ذري گهٽ غصي مان چيو ۽ پوءِ سڏڪن ۾ اچي چٽڪي.

"ڇو؟ ڇا ٿيو؟" اڱنبريءَ انتظار پريل اکين سان پڇيو.

"ڪجهه نه، ڪجهه نه،" هن آنسن پريل اکين سان مشڪندي چيو. "اڄ مان ڪيتري خوش آهيان!"

جڏهن اڱنبري پيءُ وارا شرط ٻڌايس تڏهن هوءَ مايوس نظرن سان ڏانهنس نهارڻ لڳي. "ان ڪانسواءِ پيو رستوئي نه آهي." هن عاجزي نوع ۾ چيو "۽ هڪ سال ڪيتري ۾ گذري ويندو!" هن جي چهري تي غم جا نشان صاف ظاهر هئا.

"اها ته هئبتناڪ ڳالهه آهي، هئبتناڪ، بلڪل هئبتناڪ!" نتاشا اوچتو روئندي چيو. "هڪ سال ترسڻو پيو ته مان مري وينديس. ناممڪن آهي." چوندي چوندي هن پنهنجي پريميءَ جي چهري طرف نهاريو، جو درد ۽ مونجهاري ۾ مروڙجي رهيو هو.

"نه، نه، مان ترسي سگهنديس،" هن آنسون اگهي چيو. "مان اڄ ڏاڍي خوش آهيان!"

ٿوري دير بعد.... ڪائونٽ ۽ ڪائونٽيس روستوف ڪمري ۾ اندر اچي منگيل جوڙي کي آشيرواد ڏني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيئري بيزهوف کي ڪنهن طرح ان معاملي جي چاڻ پئجي ويئي. هنکي خبر هئي ته اڊنئول اڳوات ئي شادي ڪئي هئي ۽ هنجي زال پوليند ۾ رهندي هئي. جنهن رات اڊنئول هن کي پڇائي وڃڻو هو، اُن رات هو روستوف ڪٽنب جي گهر واري باغ جي هڪ وڻ پٺيان لڪي بيٺو.

اڌ رات جي وقت، جڏهن گهر جا سڀ ڀاتي مڪمل ننڊ ۾ آرامي ٿي چڪا هئا، اُن وقت گهر جي ٻاهران هڪ گهوڙي گاڏي آهستي آهستي هلندي اچي بيٺي. نتاشا دريءَ جي شيشي مان گاڏي ڏسندي ئي پنهنجو سامان کڻي ڪمري جو دروازو کولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر دروازو ٻاهران ڪلف بند هو! هن گهڻي ڪوشش ڪئي، سونيا کي حرف پٺيائين، پر ورندو ڪجهه نه، گويا گهوڙا ڳاڙيندي زمين تي ويهي رهي.

ان کان ٿورو وقت اڳ سونيا آهستي آهستي دروازو کولي ٻاهر نڪتي هئي، اهو ڏسڻ لاءِ ته گهر جي ڀاتين مان ڪو جاڳيو ته نه رهيو هو. نتاشا واري ڪمري جو دروازو آهستي بند ڪري هوءَ سڄو گهر گهمي، جڏهن ٻاهر وارو دروازو کولي باغ ڏانهن آئي ته اوچتو پيئري وڻ پٺيان ٻاهر نڪري، هن کي خاموش رهڻ جو اشارو ڪيو ۽ ڪائنٽس نتاشا جي ڪمري جي ڪنجي وٺي وڃي اُن کي تالو لڳائي ڇڏيائين!

پيئري پوءِ ٻاهر اڊنئول جي گاڏيءَ وٽ آيو. اڊنئول

ڪيس ڏسي، پهرين ڊڄي، پوءِ ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو. پيٽريءَ نفرت مان چيس، ”مونکي سڀ ڪجهه معلوم آهي.“ ۽ پوءِ هن بدمعاش کي وڙهڻ لاءِ للڪاريائين پر ڪائر انٿول ان لاءِ تيار نه ٿيو. تڏهن پيٽريءَ گهوڙي گاڏيءَ جو چهبڪ ڪڍي هڪ دفعو زور سان هنکي وهائي ڪڍيو ۽ ٻيو دفعو گهوڙي کي هنيائين، جو زور سان گاڏيءَ کي ڇڪي، ڏسندي ڏسندي نظرن کان غائب ٿي ويو.

انٿول بدناميءَ جي ڊپ کان ٻئي ڏينهن پيٽرسبرگ ڇڏي ڀڄي ويو. نتاشا جي به ڏاڍي بدنامي ٿي، ان ڪري هن واجب ڄاتو ته پنهنجي بيقصور مڱ کي ان بدناميءَ ۾ حصيدار بڻجڻ کان ڇٽل رکي. هن انڊريءَ جي ڀيڻ ماشا کي لکيو ته ڀاءُ کي احوال ڏي ته هو پاڻ کي ان مڱڻيءَ کان ڇٽل سمجهي. ماشا ڀاءُ کي جرمنيءَ پهرائتي ڳالهه لکي موڪلي.

# ٥

## جنگ

جون ١٨١٢ جي هڪ گرم شام جو زار بادشاهه ولنا شهر واري پنهنجي محل ۾ "مزورڪا" ناچ ڪري رهيو هو. اوچتو سندس فوج جو هڪ جنرل بالاشوف هال ۾ اندر آيو ۽ سڌو هلندو، ناچ ڪندڙن کي راهه مان هٽائيندو، سڌو زار وٽ اچي پهتو. هن طرح جي اڻنگي هلت تي ناچ ڪندڙن جي ڪاوڙ ذرت ڏي وسمئه ۾ بدلجي ويئي، جڏهن هنن ڏٺو ته بالاشوف معمولي مريادا جي به پرواهه نه ڪري، ڪن لاءِ به نه هٽڪي، زار ۽ هن سان ناچ ڪندڙ سائڻ جي وچ ۾ وڃي بيٺو ۽ بادشاهه کي پاڻهن ڪان وٺي جهليائين. زار هن ڏانهن تعجب وچان نهاريو. پوءِ، بالاشوف جي اکين جو اظهار ڏسي، پنهنجي سائڻ کي معافيءَ طور پڻڪي ۾ به لفظ چيائين ۽ جنرل سان گڏجي ٻاهر نڪري ويو.

ڪجهه ڪلاڪن بعد، زار بالاشوف کي هڪ خط

ڏنو ۽ چيائينس ته هو پاڻ وچي اهو نئپولين کي پهچائي، جنهن ۾ هن لکيو ــــ
”فرانس جا شهنشاه!“

مونکي ڳالهه معلوم ٿيو ته باوجود منهنجي وفاداريءَ جي، جنهن سان مون شهنشاه سان ڪيل هر قول جي پوراڻي ٻي ڪئي آهي، توهان جون فوجون رشيا جي سرحد ٽپي آيون آهن. جيڪڏهن شهنشاه هاڻ به پنهنجين فوجن کي سر زمين روس تان واپس ٿيڻ جو حڪم ڏيندو ته مان اها ڳالهه بلڪل وساري ڇڏيندس ۽ آئينده امان ۾ ڏاه ممڪن ٿي سگهندو ـــ ٻي حالت ۾ پاڻ تي ٿيل اِن حملي کي دور هٽائڻ لاءِ مجبور ٿيندس، جنهن کي شروع ڪرڻ ۾ امان جو ڪو ڏوه نه آهي. انسان ذات کي ٻي جنگ جي هولناڪ نتيجن کان بچائڻ شهنشاه جي ڏي هٿن ۾ آهي.
”سڪندر.“

بالاشوف فرانسي پلٽڻن جي وچ مان هلندو، نئپولين جي سامهون وچي حاضر ٿيو. شهنشاه اجا آن وقت سنان ڪري پورو ڪيو هو ۽ سندس جسم مان عطر جي خوب خوشبوءِ اچي رهي هئي. هنجي ويڪري پيشانيءَ جي هڪ طرف وارن جو مڇو لٽڪي رهيو هو، هنجو چهرو ۽ ڳچي حد کان وڌيڪ سفيد نظر اچي رهيا هئا. هنجو بندرو، مظبوط، سورهن ڪلهن ۽ ڳرل پيٽ وارو بدن، سندس ڪلڻ هارڪي حاڪماڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو نڪو وڏي بالاشوف جي ويجهو آيو ۽ خوب اشارا ڪندي، هنجي ڇهري پرسان پنهنجي سفيد هٿ جي مڪ لوڏيندي، ذري گهٽ هنڪي هڻندي، زور سان رڙيون ڪندي چيائين، ”مان ... مان توهان کي دوانا پهڙ تان ڏڪي سڌو نيمن نديءَ ۾ اڇلائيندس.“ هن جي سفيد ڇهري تي هلڪي گلابي رنگ جي لالائي نمودار ٿي. ”يورپ اکيون پوري، توهان کي جا زمين هڙپ ڪرڻ ڏني جو گناه ڪيو آهي، آها مان واپس حاصل ڪندس. منهنجو مقابلو ڪرڻ سان توهان جو اهو ئي حشر ٿيندو.“ هو وري ڪمري ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳو، هنجا ٿلها ڪلها ڪنبي رهيا هئا. هن ناس جي دٻلي واپس کيسي ۾ وڌي، وري ڪيرائين ۽ ٻه ٽي ڇيڻيون پري نڪ ۾ ڏنائين. پوءِ هو بالاشوف جي سامهون اچي بيٺو ۽ ٺاوٽي نوع ۾ چيائين، ”۽ پوءِ به تنهنجي مالڪ کي راڄ ڪرڻ لاءِ ڪا گهٽ بادشاهي نه بچي ها!“

بالاشوف جڏهن ٻاهر نڪرڻ لاءِ اٿيو وڌيو، تڏهن هن ڏٺو ته، نيپولين جو ٿلهو گابو ڇڪون ڏيئي رهيو هو. نيپولين پاڻ به اها ڳالهه ڏٺي هئي ۽ ان کي هو ڪاميابيءَ جي وڏي ۾ وڏي نشاني ڪري سمجهندو هو. جنگ شروع ٿي ويئي.

* * * * *

نيپولين جي حيرت ۽ ڪاوڙ جي حد ئي نه رهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هن ڏٺو ته ڇهن لکن سولجرن جي شاندار فرانسي فوج جي روس اندر گهڙڻ کان پوءِ، وڌيڪ ۽ وڌيڪ اڳتي وڌڻ تي به، روسي فوج هنجو مقابلو نه ٿي ڪيو. روسي پلٽڻون ڇپ ڇاپ هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ، هڪ شهر کان ٻئي شهر، پٺتي هٽنديون ٿي ويون، صرف ڪٿي ڪٿي هنن فرانسي پلٽڻن سان هلڪيون ڇڪريون ٿي ڪاڏيون ۽ هنن تي معمولي جيت به حاصل ٿي ڪئي. پر جڏهن به فرانسين ڪا وڏي لڙائي ڪرڻ ٿي چاهي ته هو يڪدم پٺتي هٽي، ٻئي ڪنهن شهر ۾ وڃي ٿي بيٺا.

نيپولين کي پڪ هئي ته روسي سمولينسڪ شهر وٽ ضرور جنگ جوٽيندا. ان ڪري هن پنهنجي حرفتي نموني سڄي چال تيار ڪئي، جنهن فرانسي فوج جون جدا جدا پلٽڻون روسين کي وڪوڙي وڃن ۽ کين سوڙهو گهٽين. پر فرانسين جي پهچڻ کان اڳ، هڪ به گولي نه ڇوڙي، روسي اڳواٽ ئي آتان پٺتي هٽي ماسڪو هليا ويا هئا.

زار هاڻ پاڻ محسوس ڪرڻ لڳو ته اهي طريقا وڙهندڙن جي شان وٽان نه آهن. هن مارشل ڪتزوف کي ماسڪو وڃي فوجن جي اڳواڻي ڪري، فرانسين سان دوبدو ٽڪر جو حڪم ڏنو.

نيپولين خواه زار، ڪنهن کي به ان ڳالهه جي چاڻ نه هئي ته هن لڙائيءَ ۾ جنگي فن جي قابليت،

فوجين جي انداز ۾ لڙائيءَ جي ميدان فتح تي جنگ جو ايترو مدار نه هو، جيترو روسين جي سمجهه تي. آها سمجهه جا مدت کان سندن دماغ ۾ ويهجي ويئي هئي، اها هئي ته دشمن کي ليڙائي وسيع سيج ۾ چڪجي ۾ پوءِ هنجو کاڌو ۾ سامان بند ڪري، کيس بک ۾ ايترو حيران ۾ پريشان ڪجي جو آخر زخميل، بکايل ۾ ڇني جانور وانگر ڪو به رستو ملڻ تي خوشيءَ سان پڇي نڪري.

۾ ڪڙمي - ڪتنب جي ڪتزوف ۾ اها سمجهه بلڪل گهريءَ طرح ويٺل هئي. زار جنگ ۾ اهڙي جيت حاصل ڪرڻ ٿئي چاهي، جا پوري يورپ ۾ ڏونڪو وچائي ڇڏي. ڪتزوف هن جي ناراضگيءَ جي ڪا پرواه نه ڪري، پنهنجي پن مکيه جنرلن بنگريشن ۾ بارڪلي جي شروع ڪيل چال قائم رکي؛ جنهن موجب، فرانسيسن کي روس ۾ وڏيڪ اندر ڇڪڻ جي خيال کان، روسي پاڻٺون پٺتي، هٽنديون ٿئي ويٺون. زار ۾ هنجا پيٽرسبرگ جا صلاحڪار، جن جي دماغن ۾ فرانسيسن جهڙا شان ۾ شهرت جا خيال ويٺل هئا، ڪتزوف کي پهرين ٽڪل، پاهتريون ٻيو ۾ پوءِ ڪائر ۾ ڊڄڻو ڪوٺڻ لڳا. ڪتزوف جا جرمن جنرل به کيس پنهنجي فوجي چال سمجهائي ٽڪجي پيا، جنهن موجب هنن فرانسيسن کي گهيري ۾ آڻي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جنگ ويـاگ جي برجستني ابتري گهٽجي ويئي هئي جو فوجين ۾ انتظام قائم رکڻ ڏي ناممڪن ٿي ويو هو.

بوردنو جي لڙائي ست هزار فوٽ ويڪري ميدان تي شروع ٿي. ٻئي طرف سوين توبون ڪٺي آيو هئو ۽ ترت ئي پوري فوسن ائينجي ڦاٽندڙ گولن مان نڪرندڙ دونهين سان پرجي ويئي. فرانسين ۽ روسين جون پلٽڻون، جتي ويڙهه ۾، هڪٻئي سان جڪڙجي ويئون.

نيپولين کي سردي لڳي هئي؛ تڏهن به هو بيچيني سان گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجي فوج جي مارشلن کي حڪم ڏيئي رهيو هو. فرانسين جي بهترين پلٽڻن جي لڳاتار حملن جو روسي بهادريءَ سان مقابلو ڪري رهيا هئا. سانده ڏهه ڪلاڪ اهو قتل-عام جاري رهيو. روسي اڃا پنهنجا قدم قابو پڪڙي بيٺا هئا.

نيپولين تي مونجهاڙي ۽ اداسيءَ جو غيبي احساس ڇانئجڻ لڳو. هنجا سولجر ساڳيا هئا، جنرل به ساڳيا هئا، تياريون به هميشه موافق ٿيون هيون ۽ لڙڻ جي چال به هن دفعي نرالي نه هئي. هو پاڻ به ساڳيو هو، اگر هن ۾ ڪو فرق ٿيو به هو ته پاڻ هاڻ هو اڳ کان وڌيڪ آزمودگار ۽ وڌيڪ قابل بڻيو هو. دشمن به ساڳيو هو، جنهنکي هو ٻه دفعا جيتي چڪو هو.

گذريل لڙاين ۾ هميشه ڪامياب ثابت ٿيندڙ تمام فوجي اٽڪلون هن دفعي بــ آزمايون ويئون هيون،

سندس فوج جي جنرلن مان هڪ، نئپولين وٽ وڏي آيو ۽ رٿ ڏنائين ته شهنشاهه جو بچاءُ ڪندڙ راکن جي پلٽڻ ميدان ۾ ٽپي پوي، جيئن ڀين پلٽڻ تان ڪجهه پيڙا گهٽ ٿئي ۽ پوءِ روسين مٿان پڪ جيت حاصل ٿي سگهندي. نئپولين ڪجهه وقت ڪنڌ هيٺ ڪري، بلڪل خاموش ويٺو رهيو، هنجي ڪاڏي سندن ڇاتيءَ سان لڳي رهي هئي. پوءِ گويا سجاڳ ٿي چيائين، ”ڇا ٿيندو“ ۽ آئي ٿي جنرل جي ڏنل صلاح ياد ايندي، هن انهن کی شوخي سان نهاريندي چيائين، ”نه. مان پنهنجن راکن جو ڪوس ٿيڻ نه ڏيندس.“

* * * * *

ڏکريءَ جي پٺيان پرنس انڊريءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ روسي پلٽڻ بلڪل تيار بيٺي هئي، جنهنکي اڃني وڙڻ جو اڃا حڪم نه مليو هو. هنن هڪ به گولي نه هلائي هئي، پر دشمن جي ڇهن ڪلاڪن لڳاتار گولابازيءَ ۾ ان پلٽڻ جو ٽيون حصو فوجي اڳين ٿي مارجي ويا هئا، تڏهن به نه هو ميدان ڇڏي ڀڳا هئا ۽ نه ٿي هنن صبر وڃايو هو.

پرنس انڊري، پيلي ڇهري سان، ٻانهون پٺيان ٻڌي، زمين تي نظرون کپائي اچ وڃ ڪري رهيو هو. هنکي حڪم ڏيڻ جي ضرورت ٿي نه هئي هو ٻيو ڪجهه به ڪري نه ٿي سگهيو. هرڪا ڪا‏ٿه نيم انوسار ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي هئي، گولن ۾ زخمي ٿيندڙ ۽ مرندڙ فوجين کي ڪٺي پٺتي پهچايو پئي ويو.

اوچتو يون يون ۽ ڌڪاءُ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن کان فقط پنج فوٽ پري، گولي ڪرڻ سان سڪي زمين جي هڪ وڏي حصي کي اُڏائي ڇڏيو. انڊريءَ جي بدن مان ڏپ جي لهر گهمي وئي. هن پنهنجي پلٽڻ طرف نهاريو – شايد ڪجهه ماڻهو گولي جا شڪار ٿي هيٺ ڪري پيا هئا. جدا جدا قطارن جي ڪپتانن طرف پڪاري، هن چيو، ”فوجين کي چئو ته هڪ هنڌ ميڙاڪو نه ڪري بيهن!“

”سنڀالجو!“ هڪ سولجر جو ڊنل آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ساڻ سان هڪ پکي پرهلائيندو، تيز رفتار سان زمين تي لهندو نظر آيو. انڊريءَ جي قدمن کان ڪجهه فوٽ پري هڪ دستي بم گولو اچي ڪريو.

”ليٽي پئو!“ انڊريءَ جي نائب زمين تي ليٽندي، واڪو ڪري چيو. آهو بم دونهان ڪيندو، انڊريءَ ۽ هنجي نائب جي وچ ۾ لاٽونءَ مثل گول گول ڦري رهيو هو.

”مان ڪين ليٽندس؟ شرم جي ڳالهه آهي،“ هن چيو ۽ زمين تي ليٽڻ کان هٽڪي رهيو هو. ”اسين فوجين لاءِ مثال ....“ هو وڌيڪ چئي نه سگهيو. آهو بم وڏو ڌڪاءُ ڪري ڦاٽو، جنهن سان ساهه گهٽيندڙ دونهو نڪرڻ لڳو. پرنس انڊري ڦيرائي ڪائي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتن سان هن جي اِي چٽيل چنگهه ڪاٽي رهيو هو. آهو مظبوط نوجوان بيحد پيڙا وچان پنهنجو مٿو هيڏانهن هوڏانهن ڪري رهيو هو. "ا .... و .. ه!" هو واڪا ڪري روئڻ لڳو.

"تعجب آهي!" انڊريءَ سوچيو. "هي ته ماسڪو جي خوش مزاج عورتن جو دلپسند نوجوان، ڏاهوڪو نائب، ايلن بيزهوف جو ياءُ انٽول آهي!" آني ڏي ڪيس ياد آيو ته ان شخص ڏي ڪيس نفاشا کان جدا ڪيو هو ۽ هو وري بيهوش ٿي ويو.

* * * * *

لڙائي هلندي، ڪتزوف سڄو وقت پنهنجي تنبوءَ پاهران بينچ تي، پنهنجو اڇو مٿو جهڪائي ۽ ٿلهو متارو بدن ڍيري ڪيو ويٺو رهيو. هن ڪوبه حڪم نه ٿي ڏنو. ڪجهه به پڇڻ تي، هن صرف پڻ پڻ ڪري قبوليت ٿئي ڏني، "ها، ها، ضرور! انهن ڏي ڪيو پڇا!" يا، "ها، اڳتي وڌ ۽ آني جئن سمجهه ۾ اچيئي تئن ڪر،" يا، "ٿورو وقت ترسڻ شايد بهتر ٿئي." ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو ته جيڪي هنڪي چيو ٿي ويو، آن ڏانهن هن معمولي ڌيان ٿي ڏنو. جرمن جنرل هڪ ٻئي کي دانهن ڏيئي رهيا هئا ته هنکي ان ڳالهه جي بي پرواه نه هئي ته لڙائيءَ ۾ هار ٿي ٿئي يا جيت! هو برابر هئا. ڪتزوف جو فتح يا شڪست سان ڪو مطلب نه هو. هن صرف فرانس جي شاهي فوج کي

اهڙو ڏک هٿن ٿي چاهيو جنهن مان آها سولي آٿي
نہ سگهي.

ڏينهن پوري ٿيڻ تي، بنا ڪنهن فيصلي جي، ٻئي
فوجون پٺتي هٽي ويئون. جنهن ميدان تي صبح جي
پهرين روشنيءَ ۾ چمڪندڙ ساون گاهن، چلڪا ڪيندڙ
توبن ۽ فوجين جي رنگين ويسن کي ڏسي دل ۾ آمنگ
ٿي آئيا، آن ساڳئي ميدان تي هاڻ مڪمل دونهون
ڇانيل هو ۽ آن جي زمين بارود ۽ رت سان بلڪل
رنگجي ويئي هئي.

ٻئي ڏينهن صبح ٿيڻ کان اڳ ڪتزوف پنهنجن
پلٽڻن کي ماسڪو جي اوڀر ۾، ڏيڍ سؤ ڪوه پٺتي هٽائي
ويو. زار ڏاڍو غصي ٿيو، جرمن جنرلن اعتراض آٿاريو
پر وريو ڪجهہ نہ. رشيا جي ٻيو نمبر مکيہ شهر ماسڪو
کي دشمنن جي هٿ چڙهڻ کان بچائڻ لاءِ ڪتزوف کي
ڪيترين وينتيون ٿيون؛ هن هر عرض ڌيان سان ٻڌي،
مشڪندي ڪنڌ بہ ڌوڻيائين - پر ڪيائين ڪجهہ نہ!
زار هنکي چڙ مان خط لکي رهيو هو تہ هاڻ نئپولين
کي پيٽرسبرگ فتح ڪرڻ يا پورو روس فتح ڪرڻ ۾
ڪا بہ رڪاوٽ نہ هئي.

پر ڪتزوف جي ڄاڻ وڌيڪ گهري هئي. بورڊنو
۾ فرانسين جي دهشت ختم ٿي چڪي هئي. ماسڪو
۾ اندر گهڙڻ وقت، هننجون فوجون بيزار، منجهيل ۽
ٿڪجي چور ٿيل معلوم ٿي رهيون هيون. فوجين ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن به قسم جو انتظام نه هو. هو شراب پي، پاڻ ۾ وڙهي، لوٽ مار ڪري رهيا هئا ۽ هن شهر جي ڪاٺ جي ٺهيل گهرن کي باهه ڏئي رهيا هئا. سڄو شهر قريب خالي ٿي ويو. نه شاهي سڙڪن تي فوجن جي استقبال لاءِ ڪوئي موجود هو ۽ نه ئي ڪريملن، شاهي محل ۾ نيپولين سان صلح جا شرط ڳالهائڻ لاءِ ڪو حاضر هو!

ڪتزوف چاتو ٿي ته ترت فرانسي فوجن جا پاڻ ۾ جهڳڙا شروع ٿي ويندا ۽ هن ۾ سخت بي انتظامي ڦهلجي ويندي، ڪڏهن ۽ مال جي تنگيءَ ۾ بکايل، هراسيل ۽ دليون لٿل فوجن کي صرف هڪ ئي ڳالهه سجهندي ته هن وسيع، سفيد ۽ خاموش خطري، هن اڻ ڄاتل اٿاه ملڪ ــ روس مان ڪيئن ڀڄي نڪرجي.

فرانسين جي ماسڪو ۾ اچڻ کان اڳ، جن به ماڻهن کي دشمن جي هٿ اچڻ کان بچڻ لاءِ ڪو به رستو ملي سگهيو، اهي ڀڄي ويا. ڪيترا ڏينهن شهر کان ٻاهر ويندڙ سڀ رستا پيدل ويندڙ ماڻهن ۽ گهوڙي گاڏين جي اڪٽ هجوم سان ڀريا پيا هوندا هئا. گهوڙي گاڏين ۾ ماسڪو جا امير لوڪ، هنن جا ٻار ٻچا ۽ سندن گهرن جو قيمتي سامان هوندو هو.... فرنيچر، جواهرات، تصويرون، ڪپڙا، ڪاڏو، مطلب ته جيڪي دشمن جي هٿن مان بچي سگهي، اهو کڻي وڃي رهيا هئا.

انهن امير لوڪن ۾ روستوف ڪٽنب به هو، جنهن

۽ ماسڪو کي الوداع ڪري، في الحال پيٽرسبرگ وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو. جنهن وقت گهوڙي گاڏين ۾ هننجي گهر جو سامان پرجي رهيو هو، اُن وقت ڪجهه زخميل فوجين نتاشا کي وينتي ڪئي ته کين پنهنجين گاڏين ۾ چاڙهي وٺي وڃن، چاڪاڻ ته هو پنڌ ڪرڻ کان بلڪل لاچار هئا.

نتاشا کن پل لاءِ هنن طرف نهاريندي، نه معلوم دل ۾ ڇا سوچيندي، نوڪرن کي گاڏين مان سامان لاهڻ لاءِ چيو، جئن زخميل فوجين لاءِ گاڏين ۾ جاءِ ٿي سگهي. ماڻس مٿان دريءَ مان نوڪرن کي گاڏين مان سامان لاهيندو ڏٺو ته عجب ۾ پيئي ۽ نتاشا کان پڇيائين، "هي ڇا ڪري رهي آهين؟"

نتاشا منهن مٿي ڪري ورائيو، "ڪجهه زخميل فوجي آهن، هو گاڏين ۾ چاڙهي هلڻ لاءِ وينتي ڪري رهيا آهن."

"پر ائين ڪئن ٿيندو." ماڻس چيو. "گاڏين ۾ اڳ ئي جاءِ گهٽ آهي. اسان ڪيترو سامان ڇڏي، باقي ٿوروئي ته کڻي هلي رهيا آهيون."

امڙ!" نتاشا همدرداڻي نوع ۾ چيو. "اسان جو نڪولائي اگر ڪٿي ائين زخميل پيو هجي ۽ التجا ڪرڻ تي به هنکي اگر ڪوئي گاڏيءَ ۾ نه چاڙهي ته؟"

ماڻس وڏيڪ ڪجهه نه چيو، اندر هلي ويئي. زخميل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوجي، گاڏين ۾ چڙهندي احسانمند نگاهن سان تماشا طرف نهاريندا رهيا.

* * * * *

پيئري ٻيزهوف ماسڪو ڇڏي نه ويو هو. هو پنهنجي شاهي مڪان ۾ ويٺو هميشه موافق خوب زور شور سان شراب پيئندو رهيو. پنج ڏينهن اڳ فرانسي ماسڪو ۾ آيا هئا. پيئري اهي پنج ئي ڏينهن ساڳين ڪپڙن ۾ رهيو هو، جنهنڪري هاڻ هنجا ڪپڙا ميرا، بدن گدلو ۽ ڏاڙهي وڌي ٿي چڪي هئي.

پنجين ڏينهن تي جڏهن هو شراب جي نئين بوتل کولي پيئڻ لڳو، تڏهن کيس گهر کان ٻاهر نڪرڻ جو خيال آيو. هو ڏڪندڙ ڄنگهن سان اٿيو، خاني مان هڪ پستول ڪڍي کيسي ۾ وڌائين ۽ گهر کان ٻاهر نڪتو.

شاهي سڙڪ تي هو ٿڙندو ٿاٻڙجندو هلڻ لڳو، پر هن ڏانهن ڌيان لاهه آسپاس ۾ ڪوئي نه هو. سڙڪن جي چوڪن تي فرانسي فوجي بيٺا هئا ۽ ٻيا فوجي گاڏين ۾ چڙهي اچ وڃ ڪري رهيا هئا. اوچتو پيئري جي نظر رستي جي هڪ پاسي ويٺل روسي ڳوٺاڻن جي هڪ ڪٽنب تي وڃي پيئي، جي پنهنجي سامان سڙي مٿان پاسيرا ٿيا ويٺا هئا. هنن ۾ هڪ پوڙهو هو جنهنکي رڇ جي کل جو نئون ڪرت پهريل هو ۽ پيرن ۾ چمڙي جو وڏو بوٽ هئس. هنجي پاسي ۾ هڪ

خوبصورت نازنين ويٺي هئي، جنهنجون ڀرون ڪمانن جهڙيون، چمڙي ملائم ۽ چهرو گول هو. هنجي مٿي تي ڳاڙهو رومال ويڙهيل هو، ڪلهن تي سنهي ڪپڙي جي پوتي هئس ۽ گلي ۾ هڪ هار هئس. ٻه فرانسي فوجي هنجي سامهون بيٺا هئا. هڪ فوجيءَ ٻڍي کي ڪن ۾ ڪجهه چيو ۽ ٻڍي يڪدم پنهنجو وڏو بوٽ لاهي هنکي ڏنو، فوجيءَ اهو پنهنجي بغل ۾ دٻايو. ٻئي فوجيءَ اوچتو، حيواني نموني اَن نازنين جي گلي مان هار لاهي ورتو.

”چنڊيس هنکي!“ پيئريءَ واڪو ڪري چيو. هو فرانسين طرف وڌڻ لاءِ وڌيو. ترت ئي اتي ماڻهن جو ميڙ جمع ٿي ويو، جي ٻه پيئريءَ جي پٺڀرائي ڪرڻ لڳا. پيئري ٻنهي فوجين کي گردن کان پڪڙي بيٺو هو نه رستي جي چوڪ وٽان ڪجهه فرانسي فوجي آفيسر اڳتي وڌي آيا. هنن يڪدم پيئريءَ کي پڪڙي ورتو. ”توکي فرانسي ٻولي ايندي آهي؟“ هڪ آفيسر هن کان پڇيو. پيئريءَ ڪو جواب نه ڏنو، هو پنهنجن خون - مثل لال اکين سان آسپاس اکيون ڦاڙي نهارڻ لڳو. هنجي ڪپڙن تي رت جا داغ هئا ۽ چهرو مٽيءَ سان ڀرجي ويو هئس. ”هي ماڻهو تمام خطرناڪ معلوم ٿي رهيو آهي،“ هنن آفيسر پنهنجين سنهرين آڱرين سان هنجي تلاشي وٺندي چيو. ”هي وٺ! هنکي پستول ٻه آهي! هن تي ڪڙي نظر رکجو.“ ۽ پوءِ ليفٽيننٽ

طرف منهن ڪري چيائين، ”هنگي زبوسڪي بڙرڪن ۾ وڃي بند ڪيو.“

هنگي زبوسڪي بڙرڪن جي ڪمپائونڊ ۾، جنگ جي قيدين لاءِ ٺهيل هڪ ڪچي شيڊ ۾ آندو ويو. پيٽريءَ ڏٺو ته اُتي اڳ ئي آلي زمين تي پيل گاهه تي ڪيترا ماڻهو ويٺا هئا، جن ۾ غريب واپاري؛ چور، رولاڪ ۽ ڪجهه زخميل سپاهي هئا، جي اڳاهه لڏيلاڻ ۾ پنهنجي رهڻ ويٺا هئا. پيٽري جڏهن اڳتي وڌيو، تڏهن سڀ ڪيس ورائي ويا ۽ ٻاهر بابت طرح طرح جا سوال پڇڻ لڳا. پيٽريءَ ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ زمين تي پيل گاهه تي، پٺ ڪري ٽيڪ ڏيئي ويٺو.

”وٺ، هي گاهه....“ پيٽريءَ جي پرسان ويٺل، قاتل فوجي ويس واري هڪ فوجيءَ هن ڏانهن ٽڏو اپريل پٺاٽو وڌائي چيو. پيٽريءَ سڄو ڏينهن ڪجهه نه کاڌو هو. هو پٺاٽو وٺي يڪدم کائڻ لڳو.

”منهنجو نالو پليٽن آهي، ۽ آکهه ڪاراتيف،“ اُن فوجيءَ وڌيڪ چيو. هو پنجاهه سالن جو قدري ڪومايل شخص هو، جنهنجي اکين ۾ خوشيءَ جي جهلڪ نمايان هئي.

”ايترو غم نه ڪر پيارا،“ ڪاراتيف پيٽريءَ جي اکين ۾ آنسو ڏسي چيو. ”غم نه ڪر ڀائو!“ هن ڪومل، سريلي آواز ۾ اهڙيءَ طرح چيو جڻن روسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺاڻيون عورتون پنهنجن ٻارن کي لولي ڏيئي مهل چونديون آهن. "ڏک ڀل ڪن ۽ ختم ٿي ويندا، پر زندگي ته سچي عمر هلڻي آهي ۽ آها اسان کي، ڏٺي جا شڪر مڃيندي، ڪلندي گذارڻ گهرجي. روڻ مان ڇا ورندو!"

## ٦

## امن

جڏهن فرانسي ماسڪو طرف وڌي رهيا هئا، تڏهن پيءُ پرنس نڪولائي بولڪونسي پنهنجي بليڪ هلس واري جاگير ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿيو هو ۽ بگچارانو واري ٻي جاگير تي وڃي رهيو. پنهنجي جهوني جگهه مان آڪيڙجي نڪرڻ جي ڏڪي مٿان وري ڪيس خبر ملي ته سندس پٽ انڌيري وري زخمي ٿيو هو ۽ هن دفعي سندس بچڻ مشڪل هو. ايتري وڏي عمر ۾ اهڙا ڪاپاري ڌڪ هنجي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هئا. هڪ ڏينهن منجهند جي وقت باغ جي گلن کي پاڻي ڏيندي، هو ڪري پيو ۽ ٽن ڏينهن جي بيماريءَ بعد، گذاري ويو.

”چڱو ٿيو،“ هنجي ڌيءَ ماشا. پنهنجو پاڻ کي چيو. ”مون ائين ٿي ٿيڻ چاهيو، جئن آزاد ٿي سگهان.“ ٻيءَ جي دفن ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن تي هوءَ اڪيلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺي هئي ته سنڊس فرانسي ساٿي اندر آئي. ”مهرباني ڪري هلي وڃ، هلي وڃ،“ هن سڏڪا ڀريندي، ڪيس چيو.

”تنهنجو پيءُ منشنيءَ ۾ آهي،“ هن چيو. ”ضلع جو مارشل اجهو هينئر اها خبر ڪڍي آيو آهي. هو ڪيس فرانسيسن کان دور ڪري، اسپتال ڏانهن موڪلي رهيا هئا رستي ۾ سنڊس اهڙي حالت خراب ٿي ويئي جو هو ڪيس وٺي وڃي نه سگهيا. روستوف ڪٽنب به ماسڪو کان پيٽرسبرگ ويندي، هن وقت منشنيءَ ۾ آهي.“

پرنسيز ماشا ننڍڙي نڪولشڪا کي گهرايو، گهوڙي گاڏي تيار ٿيڻ جو حڪم ڏنو ۽ منشنيءَ طرف رواني ٿي. هنکي ٻڌايو ويو ته ائنڊري، اسٽيشن ڀرسان واري هڪ جهوپڙيءَ ۾ پيو هو. جهوپڙيءَ وٽ پهچي هن آهستگيءَ سان دروازو کولي ڏنو ته ائنڊري هڪ صندل تي ننڊ سمهيو پيو هو. هو بدن ۾ ڪِري، هڏن جو پڃرو ٿي ويو هو ۽ اڳ واري ائنڊريءَ سان هن ائنڊريءَ جي ڪا مشابهت نه رهي هئي. هنجي ڀرسان نتاشا روستوف نٽڙي ويٺي هئي.

پرنسيز ماشا اندر نه ويئي ۽ ساڳئي آهستگيءَ سان دروازو بند ڪيائين ۽ ننڍڙي ٻار کي هٿ کان وٺي چيائين، ”اچ نڪولشڪا! دادا ننڊ ۾ آهي. اچ اسين هتي ترسون ٿا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهوپڙيءَ ۾ اندر — پرنس اڳنڊري اکيون کولڻ سان مشڪل لڳو. پنهنجو هٿ نتاشا جي هٿن ۾ ڏيئي چيائين، ”تون؟ — ايتري خوش نصيبي!“

نتاشا يڪدم ۽ر ڪوملتا سان هنجو هٿ پنهنجي هٿن ۾ ڪري اُنکي چميو. پوءِ آهو هٿ پنهنجن ڳٽن سان لڳائيندي، ٻڏڪي ۾ چيائين، ”مونکي معاف ڪر.“ پنهنجو منهن مٿي ڪري، هنجي چهري طرف نهاريندي، وري چيائين، ”مونکي معاف ڪر!“

”مان توکي چاهيان ٿو،“ اڳنڊريءَ چيو.

”معاف ڪر،“ نتاشا ڏيمي، رنڊهارڪي آواز ۾ دهرايو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري چڏيائين.

اڳنڊريءَ پنهنجي هٿ سان هنجو چهرو مٿي ڪيو، جئن هو سندس اکين ۾ ڏسي سگهي. ”مان توکي اڳي کان به وڌيڪ چاهيان ٿو، نتاشا!“ هن چيو.

نتاشا آنسن پريل اکين سان هن ڏانهن ڏپ ۽ اُميد جي مليل جليل احساس وچان نهاريو. دروازو کليو ۽ ڊاڪٽر اندر آيو. هن ادب سان چيو، ”توهان کي هاڻ وڃڻ لاءِ عرض ڪري رهيو آهيان.“

نتاشا جي وڃڻ کان ڪلاڪ پوءِ، اڳنڊريءَ پنهنجون اکيون بند ڪيون، جي وري ڪڏهن به نہ کليون هيون.

* * * * *

روستوف ڪٽنب هاڻ پيٽرسبرگ ۾ اچي رهيو هو.

هنن جي گهڻي پونجي جنگ ۾ ختم ٿي ويئي هئي ۽ هاڻ تنگ حالي ۾ ڏينهن گذاري رهيا هئا.

پرنسيز ماشا، جا بہ پيٽرسبرگ ۾ پنهنجي ماسيءَ وٽ رهيل هئي، اڪثر نتاشا کي آٿت ڏيڻ لاءِ روستوف ڪٽنب جي گهر ايندي هئي. ڪائونٽيس روستوف اهو خيال دماغ ۾ آڻڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندي هئي تہ پرنسيز ماشا کي پيءُ ۽ ڀاءُ جون گهڻيون ئي جاگيرون ورثي ۾ آيون آهن؛ هوڏانهن سندس پٽ نڪولائي بہ ترت گهر واپس اچڻو هو. ويچاري سونيا انهن ڳالهين جا ويچار ڪندي، ننڊ ئي نہ ڪري سگهندي هئي ۽ هاڻ بت ۾ تمام گهڻو لهڪارجي ويئي هئي. هوءَ سمجهي ويئي هئي تہ هاڻ سندس نڪولائيءَ سان شادي ٿيڻ ناممڪن بڻجي ويئي هئي.

ڪائونٽيس هنکي پاڻ وٽ گهرائي ساڻس سختيءَ سان ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو. زرد چهري واري هڏن جي پڃري مثل ڇوڪري جڏهن هنجي سامهون آئي تہ ڪائونٽيس کيس بي-چئي ڀار وانگر شوخيءَ سان چڙب ڏني تہ هوءَ اچا ڇو ان بيوقوفيءَ جي موه تي ضد ٻڌي بيٺي هئي. سونيا پٿر مثل بيٺي هن ڏانهن نهاريندي رهي ۽ ڪو جواب نہ ڏنائين. ڪائونٽيس هاڻ روئڻ لڳي ۽ هن جي آواز ۾ لرزش اچي ويئي. آخر هن حڪمرانيءَ جو ڍونگ پري هٽائي، سونيا کي نيزاري ڪئي تہ هوءَ نڪولائيءَ جي پيار جو تياڳ ڪري ۽

هئبتناڪ حالت مان بچاءِ!“ ۽ يڪايڪ هن هٿ ٻڌي، ڏاڍي ڀڳتيءَ سان پرارٿنا ڪرڻ شروع ڪئي. ”پرارٿنا آها ڪجهه ڪري سگهي ٿي، جو ٻيو ڪوئي نه ٿو ڪري سگهي،“ هن وري پاڻ کي چيو. ”انسان جو آن ۾ يقين سو هجي،“ چوندي، هن سونيا وارو لکيل خط ڪڍي کوليو ۽ پڙهڻ لڳو-

پيارن ۾ به پيارا نڪوليئنڪا!

منهنجي لاءِ ڪيتري نه دک جي ڳالهه ٿيندي اگر مونکي معلوم ٿئي ته جنهن ڪٽنب ديا ڪري، مونکي پاليو پوجهيو آهي، آن ساڳئي ڪٽنب جي دک ۽ ونجوڪ جو ڪارڻ مان بڻجان! منهنجي زندگيءَ جو هڪ مقصد اهو پئي رهيو آهي ته جن کي مان چاهيندي آهيان، انهنکي خوش ڏسان. انڪري مان توکي عرض ڪري رهي آهيان، پيارا نڪولائي، ته تون پاڻکي منهن جي ٻنڌڻ کان آزاد سمجهه ۽ اها ڳالهه به ياد رکج ته باوجود تمام ڳالهين جي، ڪوئي به توکي ايترو پيار نه ڪري سگهندو جيترو تنهنجي-
سونيا.

* * * * *

آرتوار جي هڪ صبح جو هڪ نوڪر پرنسيز ماشا جي بيٺڪ واري ڪمري ۾ آيو ۽ ڪائونٽ نڪولائي روستوف جي اچڻ جي خبر ڏنائين. اها خبر ٻڌي پرنسيز جي چهري تي ڪا به بيچئني ظاهر نه ٿي پر سندس

ڳلن تي هلڪي لالاڻيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي ۽ سندس اکيون، نئين ۽ تيز روشنيءَ وچان چمڪڻ لڳيون.

ڪمري ۾ اندر اچڻ تي، نڪولائيءَ ڪان هلڪو چڙ ڪ پرجي ويو. ”شايد ڪارو رنگ هنکي خوب ٺهڪي رهيو آهي يا شايد هاڻ هوءَ وڌيڪ سندر ٿي ويئي آهي،“ هن چيو. چالاڪ ته هوءَ جڏن ڏانهنس گهوري نهارڻ لڳي تڏن سندس چهرو اوچتي آمنگ سبب بدلجي ويو، جنهن ڪيس وڌيڪ اثرائتي سندرتا ڏني هئي.

”هوءَ مونکي چاهي ٿي،“ هن پنهنجو پاڻ کي چيو ۽ ڪنهن ڪارڻ، هو پاڻکي اهو سمجهائي نه سگهيو ته سندس دل ۾ شڪرگذاريءَ جو زوردار آمنگ چو اڀري رهيو هو. پنهنجي بيچيني لڪائڻ جي ڪوشش ۾، هو ننڍڙي نڪولوشڪا کي پيار ڪرڻ لڳو. وچ وچ ۾ هو ماشا ڏانهن نهارڻ لڳو. ڪومل، شرميلين ۽ چمڪندڙ اکين سان هوءَ آن پار کي، جنهن کي هوءَ ڏاڍو پائيندي هئي، آن شخص جي ٻانهن ۾ ڏسڻ لڳي، جنهنکي هوءَ ڏاڍو چاهيندي هئي. نڪولائيءَ جون نظرون هنجي نظرن سان ملي ويئون ۽ اها مدهوشي چانئجندي ڏي هو خوشيءَ ۾ ٻهار ٿي ويو.

آن ڏينهن کانپوءِ، هو هميشه، ٻنا ماشا جي چوڻ جي، سندس صحبت ۾ گذارڻ لڳو. اڪثر سونيا جي سلسلي ۾ سندس دل ۾ ڪيترا وويڪي خيال ايندا

هئا .... پر ساڳئي وقت هو محسوس ڪندو هو ته ڪا اڻجاتل شڪتي ڪيس اڳتي هلائي رهي هئي، جنهن ۾ هنجي ڪٽنب جي گهرج ۽ هنجي پنهنجي خوش مزاجيءَ جي حالت چالت ۽ پرنسيز ماشا جي نيڪي ــــ سڀ، عجيب نموني ۾ مليل هئا.

ٽن هفتن کان پوءِ ـــ نڪولائي ۽ پرنسيز ماشا پاڻ ۾ مڱجي ويا.

* * * * *

ڪٽزوف جو انومان برابر نڪتو. بوروڊنو وٽ نئپولين جي فوج کي ڀاري ڌڪ لڳو هو. زخميل حيوان مثل رڙهندي رڙهندي، اها ماسڪو پهتي هئي، جتي پهچي اُن ڏٺو ته زندگيءَ جي لهر نڪري ڳهٽجي رهي هئي. ڪاڏو بلڪل خلاص ٿي ويو هو ۽ اڌ کان وڌيڪ شهر جلي رهيو هو. نئپولين اهڙي دشمن جي هٿن ۾ ختم ٿي رهيو هو، جو وڙهيوئي نه ٿي! ۽ هيءَ اهڙي شڪست هئي جنهن مان اُٿڻ نهايت ڪٺن هو.

هن ڪٽزوف ڏانهن، صلح جي شرطن مقرر ڪرڻ لاءِ، پنهنجا عيوضي موڪليا. ڪٽزوف کين چڙڪ جواب ڏنو، "رشيا مان ٻاهر نڪري وڃو!"

آخر .... فرانسين جي شاهي فوج جي سر تي چٽائي سوار ٿي- قاتل ۽ مرندڙ جانور جهڙي چٽائي! نئپولين جي ماسڪو کان پٺتي هٽڻ لاءِ ڏنل حڪم کان پوءِ به اها چٽائي جاري رهي. وچ وقت پاڻ سان گهڻي

پيٽري اڳتي وڌي ڪپتان وٽ ويو ۽ کيس چيائين ته قيدين ۾ جي بيمار آهن، انهن جو ڇا ٿيندو؟ ڪپتان جهنگلين جهڙو جواب ڏنس، ”هنن کي به ٻين وانگر پيدل هلڻو پوندو.“

”پر ڪي ويچارا ڏاڍي ڀيڙهه هيٺ آهن...“

”قطار ۾ وڃي بيهه!“ ڪپتان کيس ڌڪو ڏيندي، رڙ ڪئي. ٻين شيدين مان به گڏي، ڪل ٽڙيوئي ٽي سؤ کن قيدي هئا — ڪائيل ۽ آزازيل، هو سڀ، فرانسي فوجين جي پٺيان، ڪنهن طرح هلندا ٿي ويا. هنن جي پٺيان سامان جون گاڏيون هلي رهيون، جن مان هر هڪ تي گاڏهن ڳالن واريون، رنگبرنگي ڪپڙا پهريل عورتون ويٺل هيون؛ جي هلڪي نموني کلي ۽ ڳانا ڳائي رهيون هيون.

هو سڀ ڪالوگا رستي تان هلڻ لڳا ۽ رات ٿيندي ڪليل ميدانن ۾ اچي پهتا. هتي قيدين کي گهوڙن جو گوشت ڏنو ويو ۽ کين چيو ويو ته لڪڙيون جلائي، باه جي ڀرسان ٿي سمهن.

ٻئي ڏينهن صبح جو هو برف ۾ گپ مٿان پنڌ ڪندا اڳتي وڌيا ۽ اڳيان وينڌڙ ٻين فوجين ۽ قيدين جي ٽوليءَ کان اڳتي وڌي ويا. پلاٽن ڪاراتيف سڄو وقت پيئريءَ سان گڏ هلي رهيو هو ۽ کيس آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ٽن هفتن بعد، قيدين جو اهو مجموعو، جنهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽري بہ هو، تن سوَن مان گهٽجي نسوي تي وڃي پهتو. ڪاڏي وارين گاڏين مان اڌ ڪاڏو، اڳيان هلندڙ فوجين خلاص ڪيو هو ۽ باقي اڌ، لٽاڪ روسي ڪوزڪن ڦريو هو. فرانسي فوجين جا ڪپڙا ڦاٽي ويا هئا ۽ قيدين وانگر ڪين بہ پيرن ۾ بوٽ نہ هئا. سندن سڄيل پيرن تي ڪپڙن جون تلهيون پٽيون ويڙهيل هيون ۽ هوءَ اڪثي هلندي هلندي، پٺتي رهجي ٿي ويا. سپ جدا جدا پلٽڻن جا فوجي هئا ۽ اڪثر پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. ڏينهن رات ڪوزڪن جي حملن جي خيالي خطرن ۾ فوجي شور مچائي رهيا هئا ۽ حراس ۾ ڪيڏانهن پڇي وڃڻ خاطر، هڪٻئي کي گولين سان ماري رهيا هئا يا هڪٻئي کي پيرن هيٺان لتاڙي رهيا هئا. پر هنن جي سپ کان وڏي شڪايت اها هئي تہ رات جي ولهہ ۾ کين قيدين جي ٽولين مٿان پهرو ڏيڻو ٿئي پيو. رستي تي هرهنڌ ماڻهن ۽ گهوڙن جا هڏن جا پڃرا پيا هئا.

پيٽريءَ کي پنهنجي گذريل اميرائي ۽ شاهاڻي زندگي گهڻو اڳ وسري چڪي هئي. هنکي سپني ۾ بہ ان ڳالهہ جي خبر نہ پئي هئي تہ سندس زال ايلن ماسڪو ۾ اهڙي بيماريءَ ۾ موت جي بستري تي ليٽي پيئي هئي، جنهن ماهر ڊاڪٽرن کي بہ منجهائي وڌو هو. پر اگر کيس معلوم هجي بہ ها تہ بہ هن لاءِ اها

بي معنيٰ ۽ اُيتري ڏورانهين ڳالهه هئي، ڳويا ڪنهن ٻئي ڪنڌهر تي ٿي رهي هئي.

ڏن هفتن جي پيدل هلڻ سان هنکي هڪ نئون ۽ اڻت ڏيندڙ سچ معلوم ٿيو هو. اُهو سچ اِهو هو ته دک سهڻ جي به هڪ حد هئي ۽ اُها حد جلد اچي ٿي پهتي. نمبر نه اچڻ جي بيماريءَ ۾، نرم ڳديلن واري بستري تي سمهيل شخص به ايتري ئي تڪليف سهي ٿو، جيتري آلي ڌرتيءَ تي سمهيل، اوپاسيون ڏيندڙ شخص. ڏينهن جي وقت، پنڌ ڪرڻ سان هو پاڻ کي ڳرماڻش ڏيئي سگهندو هو ۽ رات جي وقت باه جي پرسان ويهي رهندو هو. هر روز صبح جو پنهنجا اُگهاڙا پير ڏسندو هو ته سمجهندو هو ته شايد سؤ قدم به نه هلي سگهندو، پر جڏهن منڊڪائيندو هلڻ شروع ڪندو هو ته ٿوري وقت ۾ اها ڳالهه وسري ويندي هئس؛ جيتوڻيڪ هر روز شام جي وقت پير وڌيڪ بدتر معلوم ٿيندا هئس.

پلاٽين ڪاراتيف، خوشيءَ پرديل نگاهن سان ۽ مشڪندي هنکي ڪڙمين جا قصا ٻڌائيندو هلندو هو. اُهي قصا من گهڙت هئا، جنجي آخر ۾ گهڻو ڪري ڪا نه ڪا مذهبي سکيا سمايل هوندي هئي. پيئريءَ کي اهي قصا خوش نه ڪندا هئا، پر اهي قصا ٻڌائڻ وقت، ڪاراتيف جي چهري تي نوراني خوشيءَ جي جهلڪ ڏسي، سندس دل خوشيءَ سان پرجي ويندي هئي

نفرتون هئا، پر آن شاهي سجي جو حصو هو جو دائما سهندو ۽ پيار ڪندو هو.

ڪاراتيف کي بخار اچڻ لڳو ۽ فرانسي فوجين کي حڪم مليل هو ته جو شخص اڳتي هلي نه سگهي، هنکي گوليءَ سان ماري ڇڏين. بخار جي باوجود به هر روز هو ڪنهن نه ڪنهن طرح پنڌ ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن صبح جو پنڌ شروع ڪرڻ مهل پيهريءَ ڏنو ته ڪاراتيف سندن ٽوليءَ ۾ نه هو. هن منهن ورائي ڏٺو ته هو هڪ وڻ جي هيٺان ويٺو هو ۽ ٻه فرانسي فوجي ننڍي هن سان ڳالهائي رهيا هئا. ٿوريءَ دير بعد، جڏهن پيهريءَ جي ڪنن تي ٺڪاءُ جو آواز پيو، تڏهن به هنکي منهن ورائي پٺتي ڏسڻ جي همت نه ٿي.

* * * * *

زار ۽ جرمن جنرل هاڻ ڪتزوف تي زور رکي بيٺا هئا ته هو فرانسين جي شاهي فوج تي ڪاهي پوي ۽ آن کي بلڪل ختم ڪري؛ پر چانباز پيري ڪمانڊر انهن حڪمن، صلاحن ۽ عرضن طرف ڪو ڌيان نه ڏنو. هنکي نيپولين کي روس ۾ رهڻ نه ڏيٺو هو، ڪيس ٻاهر ڪيڏو ڻي هو. زخميل حيوان هاڻ جهرجهنگ مان هلندو، ڀڄندو ٿڪي ويو ۽ هراس ۽ بک ۾ پنهنجو پاڻ ٿي ختم ٿيٺو هو. ڪتزوف جي اڳڪتي برابر نڪتي، روس

جي سرحد تائين پهچڻ وقت شاهي فوج جا ڏهون حصو ماڻهو مس وڃي بچيا هئا.

ڪتزوف، واپس وينڊز فرانسين تي حملي ڪرڻ لاءِ ڪجهه فوجي ٽوليون موڪلي تي راضي رهيو، انهن مان هڪ جو اڳواڻ ڊينسوف هو.

دوبدو ٿيڻ وقت "امپاير" ٿيو هو. ڊينيسوف ڪي آڪٽوبر جي آخر ۾، هڪ ڏينهن معلوم ٿيو ته فرانسين جي هڪ ٽولي پنتي رهجي ويئي هئي ۽ هن وقت سمولينسڪ جي پرسان هئي. ڊينيسوف ۽ سندس ڪوزڪ فوجي يڪدم گهوڙن تي چڙهي اُن طرف ويا.

جڏهن هو اُن ٽوليءَ جي ويجهو پهتا، تڏهن هنن ڏٺو ته فرانسين اڳوات ٺي ڪين ڏسي، گوليون هلائڻ شروع ڪيون هيون. ڪوزڪن به سوٽ ۾ گوليون هلايون، جن ۾ ڪجهه فرانسي مارجي ويا. فرانسين جي پٺيان، ڦاٿل ڪپڙن ۾ ڪجهه ڪڙسي نظر اچي رهيا هئا. ڪوزڪ گهوڙن تي هونديءَ گول ڦري ٽوليءَ کي گهيرو ڪري ويا ۽ آخر رهيل فرانسين کي پيش پوڻ لاءِ مجبور ڪيائون. ڪڙسين واري ٽوليءَ واڪو ڪري چيو، "ڪوزڪ اچي !!" ڪوزڪن گهوڙن تان هيٺ لهي روسي قيدين سان ياڪر پاتا. پيٽري به هنن ۾ هو. ڪن پل لاءِ هو پٿر مثل بت بڻيو، پنهنجي ساٿين جا خوشيءَ جا واڪا پڌندو رهيو. پوءِ

زور سان ٿهڪ ڏيئي، رڙ ڪيائين، ”ساٿي! اسان جا پنهنجا ماڻهو! اسان جا پيارا!“

* * * * *

ڪوزڪ پيٽريءَ کي اوريل شهر ۾ وٺي ويا، جتي جي اسپتال ۾ هن ٽي مهنا بيماريءَ ۾ گذاريا. قيد واري زندگيءَ جي ڏکن ۽ بکن هاڻ ٽي پورو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو. سچو وقت ... ولهه، بارش ۽ برف جا خيال اچڻ ٽي، پرن جي سور جو احساس آيرڻ ٽي، هر طرف غمگين صورتن نظر اچڻ ٽي ۽ ڪنن ۾ حيواني حڪمن ۽ رحم لاءِ دانهن جي آوازن گونججندي، هو پيو ڪجهه نه ڪجهه، وقلندو رهندو هو.

ڏينهن گذرڻ سان .... آهستي آهستي اها ڳالهه هنجي سمجهه ۾ ويهڻ لڳي ته هاڻ پٽي ڏينهن هنکي اڳتي پنڌ نه ڪرڻو هو .... ته ڪوئي به ڪانئس سندس هاڻ وارو گرم بسترو ڦري نه ويندو .... ۽ هنکي ڏينهن جا ٽي وقت بدستور ماني ملندي رهندي. ڪيترن هفتن گذرڻ کان پوءِ وڃي هن اها ڳالهه محسوس ڪئي ته هاڻ هو قيدي نه هو، تڏهن به سپنن ۾ هو پاڻکي، ٽڪلن بکايل ۽ ٽڏ لڱل هوندي به، جهنگلن جي ڪپ ۽ برف ٽان بيحد مشڪلات سان پنڌ ڪندو ڏسندو هو.

ساڳئيءَ طرح، جيسين هو چڱيءَ طرح جهٽي،

دوارن، معلوم ٿيو ته ڏٺي هتي آهي، جتي ڪٿي آهي. هن ڏٺو مسڪين، سادي سودي ڪارائيف جو ڏٺي وڏيڪ شاندار، وڏيڪ حقيقي ۽ وڏيڪ سچو آهي، بجاءِ اُن ڏٺي جي، جنهنجو ذڪر، وڏا واعظ ڪندڙ خوب شد مد سان ڪندا اهن.

پيٽريءَ پاڻکي اُن شخص وانگر محسوس ڪيو جو اکيون ڦاڙي، دور آهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪري، جو سندس قدمن جي ويجهوڙي موجود هو. هن مهل تائين پنهنجي پوري زندگي، هو پنهنجي ويجهڙن شخصن مٿان ۽ آنهن کان گهڻو دور، عقل جي دوربينيءَ ذريعي پيو ڇتائي نهاريندو هو. هو اُن ڳالهه کان بلڪل بيخبر هو ته ڪيس دور نظرون ڊوڙائڻ جي ڪا ضرورت نه هئي، ڇاڪاڻ ته جي سندس بلڪل قريب هئا، آنهن کي ئي ڏسڻو هئس.

هاڻ هو هر چيز ۾ اُتم، آبدي آپار ڏسڻ سگهي ويو هو ۽ جيترو وڏيڪ ويجهڙائيءَ تان آنکي ڏسڻ لڳو، اوترو وڏيڪ سنتوش ۽ سک پائڻ لڳو. هاڻ هنکي عقل جي دوربينيءَ جي ضرورت نه هئي. اکين ڏيئهن ۾ جنهن هيبتناڪ سوال هنجي زندگي برباد ڪري ڇڏي هئي، اهو سوال ـــ ”ڇا لاءِ؟“ ـــ هاڻ هن لاءِ ختم ٿي چڪو هو. ”ڇا لاءِ؟“ ـــ سوال لاءِ هن وٽ هاڻ هميشه ان جو سولو جواب ميسر هو ۽ آهو هو ـــ ڏٺي لاءِ! ڏٺي جنهن جي مرضيءَ بنا انسان جو وار به چري نه ٿو سگهي!

*　*　*　*　*

سچو سارو سال گذري ويو ... جنگ جا نشان خواه انسانن جا زخم متجي رهيا هئا. زندگي پنهنجي سياويڪ، دستوري ڍانچي ۾ موٽي رهي هئي. پيٽرسبرگ ۾ ڪائونٽيس ماشا روستوف ۽ هنجي مڙس ڪائونٽ نڪولائي روستوف جي گهر ۾، نتاشا سان گڏ ويٺو، پيئري پنهن جي قيدي جيوت جا آزمودا ٻڌائي رهيو هو - "نڌهن اسان جي فوجين اچي اسان کي بچايو،" هن آخر ۾ چيو.

مان سمجهان ٿي تہ تون اسان کي سڀ ڪجهہ نہ ٻڌائي رهيو آهين،" نتاشا چيو. "۽ مان سمجهان ٿي تہ تو بہ ڪجهہ نہ ضرور ڪيو هوندو- ٿورو ڪجهہ؟"

پيئري ءهنن کي ڪاراتيف بابت ٻڌائڻ شروع ڪيو.

پنهنجي جاء تان اٿي اچ وڃ ڪرڻ شروع ڪئي.

نتاشا جون نگاهون سڄو وقت هن تي کتل هيون.

"نہ،" هن پنهنجي ڪهاڻيء کي اڌ ۾ روڪي چيو. "توهان نہ سمجهي سگهندءُ تہ مون ان شخص، ان سادي ۽ سکي شخص وٽان ڇا پرايو."

ڪائونٽيس ماشا جو هنجي ڳالهين طرف ڌيان نہ هو. هوء ڪجهہ ٻيو ٿي سوچي رهي هئي، جنهن ۾ سندس ويچار- ڌارا پوري ٻڏل هئي. اتي ويٺي ڪيس پهريون ڀيرو ٿي دفعو اهو خيال آيو تہ پيئري ۽ نتاشا جي وچ ۾ پيار ۽ سکي جيوت جي ڳالهہ بہ ممڪن ٿي سگهي

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

طرف منهن ڪري چيو، ”۽ اها ڳالهه، مان خاص طور توکي ٿو چوان.“

”ها، ها،“ نتاشا چيو. ”مان هجان ها ته، مان به ائين ئي چوان ها ته مونکي اهڙو سخت آزمودو وري ونڻ ڏيو.“

پيئري هن ڏانهن گهوري نهاريو.

”بس ايتروئي، وڌيڪ ڪجهه به نه،“ نتاشا چيو.

”ائين ناهي، ائين ناهي،“ پيئري زور سان چيو.

”زنده هئڻ يا زنده رهڻ جي خواهش هئڻ ۾ منهنجو ڪو ڏوهه نه آهي، تنهنجو به نه آهي.“

اوچتو نتاشا پنهي هٿن ۾ پنهنجو چهرو لڪايو ۽ روئڻ لڳي.

”ڇا ٿيو نتاشا؟“ ڪائونٽيس ماشا پڇيو.

”ڪجهه نه، ڪجهه نه،“ هوءَ پيئريءَ طرف نهاريندي، اکين ۾ آنسو هوندي به مشڪڻ لڳي.

”چڱو، مان وڃان ٿي. سمهڻ جو وقت ٿي ويو آهي.“

ايترو چئي هوءَ ٻوڙي هلي وئي.

پيئري به موڪلائڻ لاءِ اٿيو.

”ذرا ترس،“ ڪائونٽيس ماشا چيس.

پيئري هنجي اکين ۾ نهارڻ لڳو.

”مون کي معلوم آهي ته هوءَ چاهي ٿي ...“ ڪائونٽيس ماشا چيو ۽ پوءِ پاڻ کي درشت ڪندي چيائين،

”... ته هوءَ ٿوڪي پيار ڪري ٿي...“

”ٿون اها ڳالهه ڪئن ٿي چئين؟ ٿون سمجهين ٿي مان اهڙي ڳالهه جي اميد رکي سگهان ٿو؟ ٿون سمجهين ٿي ته...ته...“

”ها، ها، مان سڀ سمجهان ٿي،“ ڪائونٽيس ماشا مشڪندي چيو.

”نه، نه، ڪڏهن ائين به ٿي سگهي ٿو؟“ پيئريءَ کي ڳويا پنهنجن ڪنن تي ئي وشواس نه ٿي آيو. ”آف! مان اڄ ڪيترو خوش آهيان. جنهن ڏينهن مون هن کي پهريون دفعو ڏٺو هو، ان ڏينهن کان ئي دل ئي دل ۾ کيس ڏاڍو چاهيندو آيو آهيان.“ پوءِ ڪائونٽيس ماشا جو هٿ چمي، ان کي پنهنجي ڇهري سان لڳائيندي چيائين، ”او ڪائونٽيس! مان تنهنجو ڪيڏو شڪر گذار آهيان.“

”هنجي مائٽن کي لکي موڪل،“ ڪائونٽيس ماشا چيو. ”باقي سڄو ڪم مان پاڻهي ڪنديس. موقعي ملڻ تي مان نتاشا سان به پاڻهي ڳالهه ڪنديس. منهنجي پاڻ مرضي آهي ته اهو ناتو تڪڙ ڳنڍجي.“ چوندي چوندي هن جي اکين ۾ اهڙي روشنيءَ جي جهلڪ نمودار ٿي، جا ڏٺي چاڻ ڪان به وڌيڪ ڳهري هئي...

”۽ منهنجي دل چوي ٿي ته اوس ائين ئي ٿيندو!“

# رابيل پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١- | رات مانت سوچون | طارق عالم (ختم ٿيل) | ٧-٠٠ |
| ٢- | ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل يادون | محمود مغل " | ٨-٠٠ |
| ٣- | بندر ديسان ديس | الطاف شيخ " | ٨-٠٠ |
| ٤- | هم سفر | امرتا پريتم " | ٦-٠٠ |
| ٥- | گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاش | " | ١٠-٠٠ |
| ٦- | اگين ۾ ٽمڪيل سپنا | " | ١٢-٠٠ |
| ٧- | اناميڪا | الطاف شيخ " | ٥-٠٠ |
| ٨- | سمونڊ جي ساڻيهه | " | ٥-٠٠ |
| ٩- | دنيا آهي ڪاڪ محل | " | ٥-٠٠ |
| ١٠- | فلسطين جي جنگ | قادر جوڻيجو " | ٥-٠٠ |
| ١١- | گلن جي بغاوت | سعادت منٽو | ١٠-٠٠ |
| ١٢- | جميله | | ١٠-٠٠ |
| ١٣- | ٻهار جي خوشبو | ڪرشن چندر | ٨-٠٠ |
| ١٤- | مان انتظار ڪندس | " | ٧-٠٠ |
| ١٥- | ڪوڙي دنيا سچا ماڻهو | قادر جوڻيجو " | ٦-٠٠ |
| ١٦- | لطيف سنڌ آهي | " " | ٨-٠٠ |
| ١٧- | حڪمران غلامي | " " | ٥-٠٠ |
| ١٨- | شاهه، سچل ، سامي | اثم | ٧-٠٠ |
| ١٩- | شرابي نگاهون | امرتا پريتم | ٧-٠٠ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ٢٠- سونهري پشپا | پرل ايس بڪ | ٧-٠٠ |
| ٢١- پيار | ٽالسٽاءِ | ٨-٠٠ |
| ٢٢- ٽئگور ۽ آزادي | قادر جوڻيجو | ٦-٠٠ |
| ٢٣- زندگي بغاوت ۽ آزادي | ” | ١٠-٠٠ |
| ٢٤- مان باغي آهيان | ڪرشن چندر | ٧-٠٠ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي پريشانين جو حل اسان ڳولهي ورتو.

اوهين ڪٿي به رهندا هجو ڇپائي جي هر ڪم لاءِ اسين حاضر. ڇپائي جو ڪم جهڙوڪ:
بل بڪ / شادي ڪارڊ / رسيد بڪ / وزيٽنگ ڪارڊ
ڪتابن جي ڇپائي / ٽائيٽل جي ڇپائي - سهڻي نموني / وقت اندر ڪري ڏني ويندي.

## لطيف نيوز ايجنسي

لڳ عبرت پريس گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ.

سڄي سنڌ ۾ ڪتابن ۽ رسالن جي سهڻي نموني ورهاست پڻ ڪيون ٿا.

لاڙڪاڻي شهر ۾

سنڌي، اردو، انگريزي ڪتابن جو مرڪز

## رابيل ڪتاب گهر

لڳ مهران هوٽل لاڙڪاڻو.

جتان اوهان کي ڪتاب رعائتي اگهن تي ملي سگهندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## ليو ٽالسٽاءِ

جنگ ۽ امن روسي ليکڪ ڪائونٽ ليو ٽالسٽاءِ جو جنگ جي موضوع تي هڪ شاهڪار ناول آهي.

ليو ٽالسٽاءِ ٩ سيپٽمبر ١٨٢٨ ۾ پيدا ٿيو. ١٧ سالن جي ڄمار ۾ هو فوج ۾ ڀرتي ٿيو. فوجي آفيسر ٿيڻ بعد هن جنگ جي جيڪا تصوير ڏٺي، تن کيس لکڻ تي وڌيڪ اڪسايو ۽ هن جنگ جي موضوع تي ”جنگ ۽ امن“ ناول تخليق ڪيو. جنگ ۽ امن ناول لاءِ ٽالسٽاءِ جي همعصر ليکڪن جي راءِ آهي ته ٽالسٽاءِ جو روسي ادب ۾ هي شاهڪار ناول آهي. هن ناول جو هر زبان ۾ ترجمو ٿيو. ۽ لکن جي تعداد ۾ وڪرو ٿيو. هن سڄي ڄمار انسانن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ گذاري.

٢١- نومبر ١٩١٠ تي ٽالسٽاءِ گذاري ويو

نظام عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙھندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڀُرندڙ، ڀِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻَ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻَ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڙ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book